
بخشش جو خزانو





ترجمو

ذريعة الوصول الى جناب الرسول ﷺ

تاليف

شيخ الاسلام
مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
سن وفات: ١١٧٤ھ



سنڌيڪار

مفتي محمد جان نعيمي مجددي
مهتمم وشيخ الحديث
دارالعلوم مجدديه نعيميه

شايع ڪندڙ: شمس الفقهاء اڪيڊمي
دارالعلوم مجدديه نعيميه گلشن نعيمي مليرڪراچي نمبر37

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوۡنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا

بخشش جو خزانو

ترجمو

ذريعة الوصول الىٰ جناب الرّسول ﷺ



تاليف

شيخ الاسلام

مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه

سن وفات ١١٧٤ھ

سنڌيڪار

مفتي محمد جان مجددي نعيمي

مهتمم و شيخ الحديث

دار العلوم مجدديه نعيميه ملير ڪراچي

شايع ڪندڙ: شمس الفقهاء اڪيڊمي

دار العلوم مجدديه نعيميه گلشن نعيمي ملير ڪراچي 37

بسم الله الرحمن الرحيم

- كتاب جونالو: ذريعة الوصول الي جناب الرّسول صلى الله عليه وسلم
- كتاب جوترجمو: بخشش جوخزانو
- مصنّف جونالو: حضرت شيخ الاسلام مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه
- سنڌيكار: ابو عبيدالله مفتي محمّد جان مجدّدي نعيمي
- بفيضان نظروكرم: حضرت شمس الفقهاء عارف بالله مفتي محمّد عبدالله مجدّدي نعيمي
- بظلّ عنايت: شهيد اهل سنت حضرت علامہ مفتي غلام محمّد جان مجدّدي نعيمي
- سعادت اهتمام: مفتي نذيراحمد جان مجدّدي نعيمي
- ڇاپو پيو: رجب المرجّب ١٤٣٩ هـ /اپريل ٢٠١٨ ع
- تعداد: پنج هزار ٥٠٠٠ ڪاپيون
- ملڻ جوهنڌ: دارالعلوم مجدّديه نعيميه ٽرسٽ گلشن نعيمي مليركراچي

شايع كندڙ



شمس الفقهاء اكيڊمي
دارالعلوم مجدّديہ نعيميہ ٽرسٽ

مضونن جي فهرست

شرف انتساب

فقير پنهنجي هن عاجزاڻي ڪاوش کي باعث تخليق ڪائنات حضور سيّدالمرسلين شفيع المذنبين خاتم النّبيين رحمة للعالمين عليه افضل التّحيّة واطيب الثّناء ۽ انجي آل واصحاب رضي الله عنهم جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ٿو ۽ شرف قبوليت ۽ مغفرت و بشارت جي اميد رکي ٿو.

شاہاں راچہ عجب ✦ گر بنوازند گدارا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ وَارْحَمْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْمُخْتَارِ وَعَلٰى آلِهِ الْأَطْهَارِ وَصَحْبِهِ الْأَخْيَارِ مَا دَامَ اللَّيْلُ وَ النَّهَارُ

۽ انهن جي وسيلہ جليلہ سان پنهنجي والدين ڪريمين رحمهما الله تعالي ڏانهن جيڪي درود شريف جو ڪثرت سان ورد ڪندا هئا ۽ پنهنجي اولادن کي بہ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا هئا.

﴿ رَبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيَانِي صَغِيرًا ﴾

طالب دعاء

ابو عبيدالله محمّدجان نعيمي

مجدّدي عفي عنہ

بسم الله الرحمن الرحيم

بَلَغَ الْعُلٰى بِكَمَالِهٖ
كَشَفَ الدُّجٰى بِجَمَالِهٖ
حَسُنَتْ جَمِيْعُ خِصَالِهٖ
صَلُّوْا عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا

پنهنجي پاران

بسم الله الرحمن الرحيم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَأَفْضَلُ الصَّلَوَاتِ وَأَكْمَلُ التَّسْلِيْمَاتِ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ خَاتَمِ الْأَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَتَابِعِيْهِمْ بِإِحْسَانٍ إِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ.

اَمَّا بَعْدُ: فَقَدْ قَالَ سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰى فِيْ شَانِ حَبِيْبِهِ الْكَرِيْمِ ﴿اِنَّ اللّٰهَ وَمَلَائِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا﴾ . اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَاةً تَكُوْنُ لَكَ رِضًى وَلِحَقِّهٖ اَدَاءً وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ.

فقيرسراپا تقصير احقر ابو عبيدالله محمّد جان نعيمي مجدّدي عفي عنہ مسلمانن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي تہ رسول ڪريم ﷺ جي ذات اقدس ۽ ان جي آل واصحاب تي درود وسلام پيش ڪرڻ عظيم نعمت آهي جنهن جواندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي. اها ڪامل ، افضل ترين ۽ هڪ منفرد عبادت آهي جيڪا قطعي طورمقبول آهي انهيءَ عمل ۾ الله ربّ العالمين جلّ جلالہ ۽ انجا فرشتا بہ پاڻهن سان گڏ شريڪ آهن.

درود وسلام جون فضيلتون ۽ برڪتون ۽ فائدا بيشمار آهن قلمَ لکڻ کان ۽ ڪتابَ جمع ڪرڻ کان عاجز آهن، حضور پرنور رحمت للعالمين ﷺ تي درود ۽ سلام پڙهڻ واري جي فضيلت ۽ انجورتبو ۽ مقام ڄاڻڻ جي لاءِ

ايتروڪافي آهي تہ درود ۽ سلام جي بدلي ۾ الله ربّ العالمين جلّ جلالہ ۽ ان جا فرشتا ان شخص تي درود وسلام موڪلين ٿا ۽ خود رسول ڪريم ﷺ ان شخص تي درود ۽ سلام موڪلين ٿا.

فضائل درود وسلام احاديث مبارڪ جي روشني ۾:

بيشمار احاديث مبارڪ ڪان درود ۽ سلام جون فضيلتون ۽ ثوابَ منقول آهن جن مان ڪجھ حديثون پيش خدمت آهن.

پهرين حديث :

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: ((مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ بِهَا عَشَرًا)) (الحديث) رواه "مسلم".

ترجمو: حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو جيڪو شخص هڪ ڀيرو مون تي درود پڙهي ٿو تہ الله تعالىٰ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائي ٿو.

ٻي حديث :

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عُمَرَ رضي الله عنه قَالَ: ((مَنْ صَلّٰى عَلَى النَّبِيِّ ﷺ وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَمَلَائِكَتُهُ سَبْعِيْنَ صَلَاةً)) (الحديث) رواه "احمد".

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ جيڪو شخص نبي ڪريم ﷺ تي هڪ دفعو درود پڙهي تہ الله تعالي ۽ انجا فرشتا ان شخص تي ستر مرتبا رحمتون موڪلين ٿا.

ٽي حديث :

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: ((مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلَاةً وَاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ عَشْرَ صَلَاةٍ وَحُطَّتْ عَنْهُ عَشْرُ خَطِيْئَاتٍ وَرُفِعَتْ لَهُ عَشْرُ دَرَجَاتٍ)) (الحديث) رواه "النسائی" .

ترجمو: حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو جيڪو شخص مون تي هڪ دفعو درود شريف موڪلي تہ الله تعالي ان تي ڏهہ دفعا رحمتون موڪليندو ۽ انجا ڏهہ گناهہ معاف فرمائيندو ۽ ان جا ڏهہ درجا بلند فرمائيندو.

چوٿين حديث :

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: ((صَلُّوْا عَلَيَّ فَإِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ زَكَاةٌ لَكُمْ)) (الحديث) رواه "الاصبهانی" فی "الترغيب" .

ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ مون تي درود پڙهو ڇو تہ توهان جا درود مون تي توهان جي طهارت ۽ پاڪيزگي جاسبب آهن .

پنجين حديث :

عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ رضي الله عنه أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ قَالَ: ((أَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً)) (الحديث) رواه "الترمذی" .

ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ

ارشاد فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان سڀني کان وڌيڪ مون کي اهو ويجهو هوندو جيڪو مون تي گهڻو درود پڙهندڙ هوندو.

ڇهين حديث :

عن عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رضی اللہ عنہ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((اَلْبَخِيْلُ اَلَّذِيْ مَنْ ذُكِرْتُ عِنْدَهُ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَيَّ)) (الحديث) رواه "احمد" و"الترمذي" .

ترجمو: حضرت عليّ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ: بخيل اهو ماڻهو آهي جنهن جي اڳيان منهنجو تذڪرو ڪيو وڃي پر هو مون تي درود نہ پڙهي.

ستين حديث :

عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: ((مَنْ نَسِيَ الصَّلَاةَ عَلَيَّ أَخْطَأَ طَرِيْقَ الْجَنَّةِ)) (الحديث) رواه "ابن ماجه" .

ترجمو: حضرت عبدالله بن عباس کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو جيڪو شخص مون تي درود پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنت جي رستي کان گسي ويو.

اٺين حديث :

عَنْ أَبِيْ دَرْدَاءٍ رضی اللہ عنہ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ: ((مَنْ صَلَّى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشَرًا وَحِيْنَ يُمْسِيْ عَشَرًا أَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ)) (الحديث) رواه "الطبراني" .



ترجمو: حضرت ابودرداء ﷺ كان روايت آهي تہ رسول كريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص صبح جي وقت مون تي ڏھ مرتبا درود موڪلي ۽ شام جي وقت ڏھ مرتبا درود موڪلي تہ قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ان کي حاصل ٿيندي.

درود ۽ سلام جي بابت بزرگان دين جا ارشادات:

• حضرت سيدي شيخ عبدالعزيز دباغ سن وفات ١١٣٢ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ:

درود سڀ عبادتن کان ارفع ، اعليٰ ۽ افضل عبادت آهي درود هر شخص طرفان قطعي طورقبول آهي. (الابريز)

• حضرت شاه عبدالحق محدث دهلوي سن وفات ١٠٥٢ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ:

درود پڙهڻ وارا رحمت جي درياءَ جا تارو آهن جڏهن (اَللّٰهُمَّ صَلِّ) چون ٿا تہ الله ربّ العالمين جي ڪرم جي درياءَ ۾ ٽبي هڻن ٿا ۽ جڏهن (عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ) جا لفظ زبان تي آڻين ٿا تہ درياءِ رسالت جي موجن ۾اچي وڃن ٿا ۽ جڏهن (وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ) چون ٿا تہ اهل بيت ۽ صحابہ ڪرام جي بخشش جي درياءُ ۾ ٽبي لڳائن ٿا. (جذب القلوب)

• حضرت علامہ سخاوي سن وفات ٩٠٢ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ:

شفاعت جووسيلو درود شريف آهي. درود اهو واپار آهي جنهن ۾ ڪڏهن بہ نقصان نہ آهي. درود عملن کي صاف پاڪ ڪري ٿو. اهو نور آهي جنهن جو مقابلو نہ آهي اميدون پوريون ڪري ٿو الله جي رضا حاصل ڪرائي ٿو. (القول البديع).

• حضرت امام فخرالدين رازي سن وفات ٦٠٤ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ:

استغفار ۽ درود ٻنهي مان درود کي بهتر سمجهو توهان درود پڙهو ۽ استغفار جوڪم رسول ڪريم ﷺ جي حوالي ڪريو رسول ڪريم ﷺ جي استغفار امت جي لاءِ ڪڏهن به رد نه ٿيندي. اسان جودرود ڪڏهن به رد نه ٿيندو اسان جي استغفار خبر نه آهي قبول پوي يانه پوي پررسول ڪريم ﷺ جي استغفار اسان جي لاءِ ضرور قبول پوندي. (تفسيرڪبير)

• حضرت امام زين العابدين سن وفات ٩٤ھ رضي الله عنه فرمائن ٿا ته:

رسول ڪريم ﷺ تي گهڻو درود پڙهڻ اهل سنت هجڻ جي علامت آهي (القول البديع).

• حضرت عليّ خواص سن وفات ٩٣٠ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته :

جنهن کي ڪابه خواهش هجي يامشڪل سامهون اچي ته پوري توجه سان هڪ ييرو رسول ڪريم ﷺ تي درود پڙهي دعا گهري ته انشاء الله ضرور حاجت پوري ٿي ويندي. (حجة الله علي العالمين)

• حضرت ابوالعباس تيجاني سن وفات ١٢٣٠ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته :

رسول ڪريم ﷺ تي درود پڙهڻ هرخير جي ڪنجي آهي غيبي اسرارن جي چاٻي آهي جنهن درود ڇڏيو اهو تڙجي ويو ان کي الله جي قرب مان ڪوبه حصو نه ملندو. (سعادة الدارين).

• حضرت امام صاوي سن وفات ١٢٤١ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته :

درود شريف انسان کي بنامرشد جي الله تعالي تائين پهچائي سگهي ٿو جوته ٻين وظائف ۾ شيطان دخل اندازي ڪري سگهي ٿو. انهن جي لاءِ مرشد کان بغير ڪم نه هلندو. پردرود پاڪ ۾ مرشد خود رسول ڪريم ﷺ بنجي وڃي

ٿو ان ڪري شيطان دخل اندازي نہ ٿو ڪري سگهي. (سعادة الدارين)

• حضرت شيخ عطاء الله سن وفات ٧٠٩ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ :

هڪڙو ڀيرو درود پڙهڻ ساري عمر جي نيڪين کان افضل آهي ڇوتہ ٻانهي جون سموري عمر جون عبادتون هڪ طرف. خدا جي رحمت هڪ طرف.

ٻانهو نيڪيون ڪندو پنهنجي حال مطابق ۽ ربّ رحمت موڪليندو پنهنجي شان مطابق درود هڪ ڀيرو پڙهڻ واري تي الله پاڪ ڏھ رحمتون موڪلي ٿو هاڻي حساب لڳايو تہ بار بار درود پڙهندڙ جوڇا شان ٿيندو؟. (سعادة الدارين).

• حضرت علامہ فاسي سن وفات ١١٠٩ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ :

الله پاڪ پنهنجي ٻانهن لاءِ درود ڪي پنهنجي رضا ۽ قرب حاصل ڪرڻ جوذريعو بنايو آهي. ان ڪري جيڪو ٻانهو جيترو گهڻو درود پڙهندو اوترو وڌيڪ الله تعالي جلّ جلالہ جي رضا ۽ قرب جو حقدار ٿيندو. ۽ الله تعالي جي دوستي ۽ رحمت جوحقدار ٿيندو. ان جي سيرت پاڪيزه ۽ دل روشن ٿيندي. (مطالع المسرات).

• حضرت شمس الفقهاء پيرڪامل عالم ربّاني عاشق رسول مفتي محمّد عبدالله نعيمي مجدّدي (شهيد) سن وفات ١٤٠٢ھ رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ :

درود شريف پڙهڻ ايمان جي سلامتي جي ضمانت آهي ۽ موت جي وقت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زيارت جوذريعو آهي.

درود ۽ سلام جوورد دائمي شفا آهي ۽ ڪاميابي جومجرّب وظيفو آهي ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ شفاعت ڪبريٰ حاصل ڪرڻ جو ۽

جهنم کان نجات جي سَنَدَ آهي.

مٿي ڄاڻايل احاديث مبارڪ ۽ آثار صحابہ و تابعين رضي الله عنهم ۽ اقوال بزرگان دين رحمهم الله تعالیٰ کان درود ۽ سلام جا جيڪي فضائل ۽ فائدا بيان ڪيا ويا انهن کان علاوه بہ بيشمار فضائل ۽ فائدا بيان ڪيل آهن تن مان ڪجھ اهم فائدا بيان ڪجن ٿا تان جو درود وسلام جي اهميت ڪي سمجهيو وڃي ۽ هن عظيم نعمت کان پاڻ کي محروم نہ ڪيو وڃي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ وَارْحَمْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْكَرِيْمِ الْاٰبَاءِ وَالْاُمَّهَاتِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ أَجْمَعِيْنَ.

درود وسلام جا فضائل ۽ فائدا :

(١) درود وسلام پڙهندڙ جي لاءِ رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم جي شفاعت واجب آهي. (٢) درود وسلام جي پڙهندڙ جي لاءِ الله تعاليٰ جي رضامندي ۽ رحمت لکجي ٿي. (٣) درود ۽ سلام پڙهندڙ جي گناهن لاءِ بخشش جوذريعو آهي. (٤) درود وسلام پڙهندڙ جا درجات بلند ڪيا ويندا آهن. (٥) درود وسلام پڙهڻ وارو هر قسم جي آفتن شامتن ۽ پريشانين کان محفوظ ڪيو ويندو آهي. (٦) درود وسلام پڙهندڙ جي لاءِ خود رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم انجي ايمان جي گواهي ڏيندو. (٧) درود وسلام پڙهندڙ کي قيامت جي ڏينهن عرش معليٰ جوسايو نصيب ٿيندو (٨) درود وسلام پڙهندڙ جي رزق ۾ برڪت ۽ خوشحالي ايندي آهي (٩) درود وسلام پڙهڻ سان پڙهندڙ جا عمل پاڪ ٿين ٿا (١٠) درود وسلام پڙهڻ واري کي حوض ڪوثر جو پاڻي نصيب ٿيندو.

(١١) درود وسلام پڙهڻ واري کي درود ۽ سلام دوزخ کان بچائي ٿو ۽ جنت جو حقدار بڻائي ٿو (١٢) درود وسلام پڙهندڙ تي موت ۽ سڪرات جي سختي نه ٿيندي ۽ انجي قبر ڪشادي ڪئي ويندي (١٣) درود وسلام پڙهڻ واري جي لاءِ ملائڪن جي دلين ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي (١٤) درود وسلام پڙهڻ سان عشق حبيب ڪبريا ﷺ پيدا ٿئي ٿو (١٥) درود وسلام پڙهڻ وارو دنيا جي مصروفيات ۽ پريشانين کان آجو رهندو (١٦) درود وسلام پڙهندڙ کي مرڻ کان اڳ توبه نصيب ٿيندي (١٧) درود وسلام پڙهڻ وارو سفر جي حادثن ۽ تڪليفن کان امن ۾ رهندو (١٨) درود وسلام پڙهڻ سان مرشد ڪامل جون وصفون پيدا ٿين ٿيون (١٩) محبت سان درود وسلام جي پڙهڻ واري جو آواز حضور پرنور ﷺ روضي اطهر ۾ پهچن ٿا (٢٠) درود وسلام دعا به آهي ۽ هر مرض جي دوا به آهي. (٢١) ڪثرت سان درود پڙهندڙ قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ هوندو (٢٢) هڪ ڀيري درود پڙهڻ سان رحمت جا ستر دروازا کلن ٿا (٢٣) گهٽي مقدار ۾ درود پڙهڻ جي برڪت سان عالم خواب ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن عالم بيداري ۾ رسول ڪريم ﷺ جو ديدار نصيب ٿئي ٿو (٢٤) درود شريف پڙهڻ ۾ ايمان جي سلامتي آهي . (٢٥) قيامت جي ڏينهن درود وسلام پڙهڻ واري سان رسول ڪريم ﷺ مصافحو فرمائيندو (٢٦) قيامت جي ڏينهن رسول ڪريم ﷺ کي گهڻي مقدار ۾ درود شريف پڙهڻ وارو سڀني کان زياده قريب هوندو (٢٧) درود وسلام پڙهڻ واري جو گهر آفتن ۽ بلائن کان محفوظ رهي ٿو . (٢٨) هڪ ڀيري درود وسلام پڙهڻ سان ڏهه گناهه معاف ٿين ٿا ۽ ڏهه نيڪيون لکجن ٿيون ۽ ڏهه درجا بلند ٿين ٿا ۽ ان تي

ڏهه رحمتون نازل ٿين ٿيون (٢٩) درود وسلام پڙهڻ واري جي دعا قبول ٿيندي آهي (٣٠) درود وسلام نفلي عبادتن کان افضل آهي (٣١) درود وسلام پڙهڻ واري کي قيامت جي ڏينهن مٿي تي نوراني تاج پهرايو ويندو (٣٢) ڪثرت سان درود وسلام پڙهڻ واري جي جسم کي قبر نہ کائيندي ۽ عذاب قبر کان محفوظ رهندو. (٣٣) درود وسلام پڙهڻ ويهن جهادن کان بہ زياده ثواب رکي ٿو (٣٤) درود وسلام دل کي منافقت ۽ ڪاراڻ کان پاڪ ڪري ٿو(٣٥) درود وسلام پڙهندڙ جا الله تعالىٰ عيب ڍڪيندو (٣٦) درود وسلام پڙهندڙ کي برو موت نہ ايندو (٣٧) درود وسلام پڙهندڙ بخيلي جي بري عادت کان آجو رهندو. (٣٨) درود وسلام پڙهندڙ جي چئن پيڙهين تائين برڪتن جا آثار رهندا. (٣٩) درود وسلام غصي کي ٺاري ٿو،نفس، ۽ شيطان کي ماري ٿو ۽ مئل دل کي جياري ٿو۽ ويل ياڳن کي ورائي ٿو.
(٤٠) درود وسلام تجديد ايمان ۽ تڪميل ايمان جوبهترين ذريعو آهي .

انهن کان علاوه بہ بيشمار فضائل ۽ فائدا بزرگان دين پنهنجن ڪتابن ۾ بيان ڪيا آهن ليڪن اسان بطور اختصارهنن تي اڪتفا ڪريون ٿا.

وردکن ہر دم درود پاک را ● شاد کن برخود شہ لولاک ﷺ را
زحادثاتِ زمانہ نجات اگر طلبی ● برو درود بخواں بر محمدؐ ﷺ عربی



ڪجھ رسالي جي باري ۾:

درود وسلام جي بابت عرب وعجم جي عالمن، محدثن ۽ اولياء ڪاملين رحمهم الله تعالیٰ بيشمار رسالا ۽ ڪتاب پنهنجي انداز ۾ مرتب ڪيا آهن جن مان ڪجھ ڇپيل آهن ۽ ڪافي ڪتاب ۽ رسالا ڇپائيءَ جا منتظر آهن

عاشق رسول ڪريم ﷺ ۽ مقبول بارگاه اقدس شيخ الاسلام حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ رحمة الله عليه به درود وسلام جي بابت هڪ عجيب رسالو فارسي زبان ۾ مرتب ڪيو جنهن جونالو **ذريعة الوصول الي جناب الرسول ﷺ** رکيائين پوءِ انهيءَ رسالي جوخلاصو ۽ نچوڙ عربي زبان ۾ منتخب ڪيائين ۽ ان جونالو **وسيلة القبول في حضرت الرسول ﷺ** رکيائين (اهي ٻئي ڪتاب مطبوع آهن) .

فقير سراپا تقصير جي اها ديرينه خواهش ۽ تمنا هئي ته درود وسلام جوهڪ مختصر ۽ جامع مجموعو مرتب ڪيو وڃي جنهن مان مسلمان فائدو حاصل ڪن ۽ منهنجي مغفرت جوسبب ۽ وسيلو بنجي.

انهيءَ دوران مهراڻ آرٽس ڪائونسل جو ڇپرايل نسخو نظرمان گذريو (اهو نسخو حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جا پنهنجا هٿ اکر آهن) .

مذڪوررسالي جي انفراديت ۽ اهميت وافاديت جي پيش نظر هن ڳالھ کي ضروري سمجهيو ويو ته هن رسالي جوسنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو وڃي ۽ منظر عام تي آندو وڃي جيئن ته مسلمان بطور ورد ۽ وظيفي هن کي پڙهن ۽ پنهنجي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت ابدي ۽ ڪرامت سرمدي جوبهترين ذريعو بنائين .

۽ اها ڳالهه يقيني آهي تہ درود وسلام پڙهندڙ کي الله جلّ سلطانہ وتعالي شانہ جي بارگاه ۾ وڏو رتبو نصيب ٿيندو ۽ رسول ڪريم ﷺ جي رضامندي ۽ قيامت جي ڏينهن رسول ڪريم ﷺ جي رفاقت ۽ الله ربّ العالمين جو ديدار نصيب ٿيندو.

انهيءَ رسالي ۾ صرف فارسي عبارت جو خلاصو ۽ مقصود سنڌي زبان ۾ آسان ترجمو ڪيو ويو آهي جيئن تہ پڙهندڙ درود شريف جي ڪيفيت ، حقيقت ، اهميت ۽ منفعت کي سمجهي، باقي درودن کي سندن اصل ڪيفيت مطابق ترتيب ڏني وئي آهي .

شيخ الاسلام حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمه الله پنهنجي هن رسالي کي پنجن فصلن ۾ تقسيم ڪيو آهي جن جي تفصيل هن طرح آهي.

فصل پهريون: انهن درودن جي ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي رسول ڪريم ﷺ جي پاڪ زبان کان منقول آهن

فصل پهرئين جوخاتمو: انهن درودن جي ڪيفيتن جي بيان ۾ آهي جيڪي اهڙين روايتن ۾ منقول آهن جن جي باري ۾ بعض محدثن ان جي موضوع جوحڪم لڳايو آهي

فصل ٻيو: انهن درودن جي ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي رسول ڪريم ﷺ کان خواب جي ذريعي منقول آهن ياخواب ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيا ويا آهن.

فصل ٽيون: انهن درودن جي ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي صحابہ ڪرام ۽ تابعين ڪرام رضي الله عنهم کان ثابت آهن.

فصل چوٿون: انهن درودن جي ڪيفيتن ۽ الفاظن جي باري ۾ جيڪي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ڪان علاوه ٻين وڏن عالمن ۽ بزرگن رحمهم الله تعالى کان ثابت آهن.

فصل پنجون: هن بيان ۾ تہ درود شريف جي تمام ڪيفيتن ۾ ڪهڙي ڪيفيت سڀ کان افضل آهي ۽ ان ۾ عالمن سڳورن جي اختلاف جو بيان آهي.

هوشيار باش: آداب کي ملحوظ رکندي هر درود شريف ۾ رسول ڪريم ﷺ جي نالي مبارڪ "محمّد" جي شروعات ۾ لفظ "سيدّنا" ضرور پڙهيو وڃي جنهن سان ادب، احترام، محبت ۽ روحانيت ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

آخر ۾ فقير جي دعا آهي تہ الله تعالي بطفيل سرور ڪائنات ﷺ هن مختصر ڪاوش کي شرف قبوليت عطا فرمائي ۽ هن کي منهنجي لاءِ ۽ منهنجي والدين ڪريمين ۽ منهنجي اساتذن، مشائخن، پوري خاندان ۽ شاگردن جي لاءِ بخشش جو ذريعو ۽ صدقہ جاريہ بنائي آمين يارب العالمين.

شور غرض نقشے هست کز ما یاد ماند. کہ هستی را نمي بینم بقائے
مگر صاحب دلے روزے برحمت. کند در حق این مسکین دعائے

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ صَلَاةً دَائِمَةً مَقْبُوْلَةً تُؤَدِّيْ بِهَا عَنَّا حَقَّهُ الْعَظِيْم.

طالب دعا

أبو أحمد وحامد محمّد جان مجدّدي نعيمي عفي عنہ
يكم جمادي الثاني ١٤٣٨ھ بمطابق يكم مارچ ٢٠١٧ ع

مختصر تعارف

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه

ولادت ۱۱۰٤ هه/ وفات ۱۱۷٤هه

شيخ الاسلام مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي قدس سره العزيزنسبًا حارثي (پنهور) مذهبًا حنفي، مسلڪًا سني، مشربًا قادري، ۽ مولدًا سنڌي هئا.

حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي علمي دنيا ۽ مذهبي تاريخ ۾ وڏو مقام ۽ خاص اهميت حاصل آهي.

ولادت باسعادت:

شيخ الاسلام مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي پيدائش خميس جي ڏينهن بتاريخ ۱۰ ربيع الاول شريف ۱۱۰٤ هه بمطابق ۱٦۹۲ع بٺوري شهر(ضلعي ٺٽي سنڌ) ۾ ٿي.

زندگی گفت کہ در خاک تپیدم ہمہ عمر
تا ازیں گنبد دیرینہ در پیدا شد

نالو ۽ شجره نسب:

محمّد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمن بن عبداللطيف بن عبدالرحمن بن خيرالدين حارثي رحمهم الله تعالي.

حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي ڪنيت ابو عبدالرحمن ، ابوعبداللطيف ۽ القاب شيخ الاسلام ، مجدّدالعصر ، الفقيہ الاعظم ، المحدّث الڪبير ، شمس الملت والدين ، مخدوم المخاديم ، قاضي القضاة ، ملجاء الوريٰ للفتويٰ ۽ ملجاء الفقهاء والمحدثين آهن.

تعليم وتربيت:

حضرت شيخ الاسلام مخدوم صاحب رحمة الله عليه پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي والد گرامي حضرت مخدوم عبدالغفور رحمة الله عليه کان حاصل ڪئي سندن والد گرامي پنهنجي لائق فرزند کي اعلي اخلاق ۽ بنيادي تعليم پڑهائي ۽ مختصرعرصي ۾ قرآن شريف ياد ڪرائي حافظ قرآن بنايائين.

حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه فارسي،صرف ونحو ۽ فقہ جا ابتدائي ڪتاب پنهنجي والد گرامي وٽ پڑهيا ان کان پوءِ مزيد تعليم جي حصول جي لاءِ ٺٽي شهر تشريف فرما ٿيا.ان وقت ٺٽو شهر علم،ادب ۽ تهذيب وتمدن جومرڪز هو ٺٽي شهر ۾ حضرت مخدوم محمد سعيد رحمة الله عليه ۽ حضرت مخدوم ضياء الدين (سن وفات: ١١٧١ھ) رحمة الله عليه کان باقي علوم وفنون جي تعليم مڪمل ڪئي ۽ سند فراغت حاصل ڪئي يعني نون سالن جي مختصر عرصي ۾ فارسي ۽ ادب جاتمام علوم تڪميل ڪري فارغ ٿيو.

ان دوران (سن ١١١٣ ھ/بمطابق ١٧٠٣ع) ۾ سندن والد گرامي حضرت مخدوم عبدالغفور جي وفات ٿي. رحمة الله عليه

زيارت حرمين شريفين جوسفر:

حضرت شيخ الاسلام مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي مزيد علوم ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جواشتياق هو اها سعادت ڪيس (سن ١١٣٥ ھ) ۾ حرمين شريفين جي سفردوران اتي جي مشهور فاضلن ۽ عالمن کان حاصل ٿي.

انهن عالمن سڳورن ۾ سرفهرست حضرت شيخ عبدالقادر مڪي حنفي (سن وفات : ١١٣٨ ھ) رحمة الله عليه حضرت شيخ عيد بن عليّ الشافعي الازهري

(سن وفات: ١١٤٠ هه) رحمة الله عليه حضرت شيخ عليّ بن عبدالملک المالکي (سن وفات: ١١٤٥ هه) رحمة الله عليه حضرت شيخ ابو طاهر محمّد بن ابراهيم الکردي المدني (سن وفات: ١١٤٥ هه) رحمة الله عليه حضرت شيخ محمّد بن عبدالله الفاسي المدني (سن وفات: ١١٤١هه) رحمة الله عليه ۽ ٻيا گھڻا جيّد علماء ۽ محدّثين شامل آهن انهن کان علم حديث ، تفسير، عقائد، اصول، تجويد، فقہ ۽ ٻين علومن جو درس ورتائون ۽ انهن کان سندون حاصل ڪيائون.

بارگاه رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۾ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي مقبوليت :

اها ڳالھ سينہ بسينہ منقول آهي تہ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جڏهن مدينة المنوره روضي اطهر تي حاضرٿيو مواجهہ شريف (جاري مبارڪ)جي سامهون باادب بيهي ڪري هن طرح سلام پيش ڪيا اَلصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ، اَلصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ، اَلصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ، وَعَلٰى آلِكَ وَ اَصْحَابِكَ يَاشَفِيْعَ الْمُذْنِبِيْنَ پوءِ حريم ناز جي اندران رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم سلام جوجواب ڏنو ۽ فرمايائون ((وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ يَامُحَمَّدْ هَاشِمِ التَّتْوِى)) هن مان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿوتہ مخدوم صاحب رحمة الله عليه ڪي دربار مصطفي صلي الله عليه وسلم ۾ ڪيتري قدر مقبوليت حاصل هئي .

ساري رات سبحان ڪي جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙئين ڪن سلام اچيو آڳھ ان جي.

بارگاه رسول ڪريم ﷺ ۾ حضرت مخدوم رحمه الله جي فتويٰ جي مقبوليت

صاحب "تڪملہ" لکن ٿا تہ: هڪ سائل ڪنهن مسئلي جي باري ۾ حضرت مخدوم صاحب رحمه الله کان فتويٰ لکرائي ڪري سندن استاد حضرت مخدوم ضياء الدين ٺٽوي (سن وفات: ١١٧١ ھ) رحمه الله وٽ انهيءَ فتويٰ جي تصديق ڪرائڻ جي لاءِ ويا فتويٰ کي حضرت مخدوم ضياء الدين ٺٽوي رحمه الله پڙهي ڪري سندن راءِ سان اتفاق نہ ڪيو ۽ دستخط ڪرڻ کان انڪار ڪيو، انهيءَ رات حضرت مخدوم ضياء الدين ٺٽوي رحمه الله کي خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿي پوءِ رسول ڪريم ﷺ مخدوم ضياء الدين کي ارشاد فرمايو: چنانچہ محمد ہاشم گوید شما بر آں فتوی بدھید يعني جيئن محمد هاشم فتويٰ ڏني آهي توهان بہ ان جي مطابق فتويٰ ڏيو ۽ ان جي تائيد ڪريو.

جڏهن صبح ٿيو حضرت مخدوم ضياء الدين رحمه الله ان سائل کي گهرايو ۽ فورًا انهيءَ فتويٰ تي دستخط ڪيائين.

ان کان بعد جڏهن بہ ماڻهو حضرت مخدوم ضياء الدين رحمه الله وٽ شرعي مسئلي ۽ فيصلي جي لاءِ ايندا هئا پاڻ فورًا انهن کي حضرت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمه الله ڏانهن موڪليندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ: فتوی در دست ايشاں داده اند يعني فتويٰ جو ڪم محمد هاشم جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي .

بيعت وخلافت :

حضرت مخدوم صاحب قدس سره العزيز علوم ظاهري جي تڪميل کان بعد تزڪيہ نفس ۽ تصوف جي طرف مائل ٿيا هن وقت جي عارف بالله ولي ڪامل

آفتاب مڪلي حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبندي مجددي (سن وفات: ١١٣٨ ھ) قدس سره العزيز جي خدمت ۾ حاضرٿيا ۽ سندن مريد ٿيڻ جي درخواست ڪئي. حضرت مخدوم ابوالقاسم قدس سره العزيز فرمايو ته منهنجي تمام مريدين جا نالا ۽ صورتون منهنجي سامهون پيش ڪيون ويون آهن انهن ۾ توهان جو نالو ڪونهي. حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه عرض ڪيو ته سائين منهنجي مرشد ڪامل جي متعلق رهنمائي فرمايو پوءِ حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبندي رحمة الله عليه فرمايو ته توهان جو مرشد قطب رباني سيد سعدالله بن سيد غلام محمد سورتي قادري آهي توهان ان جي خدمت عاليه ۾ حاضرٿيو حضرت سعدالله رحمة الله عليه سلسله عاليه قادريه جو پيشواء هو هندستان ۾ الھ آباد جي ڳوٺ سورت ۾ سندن آستانو هو ان کان پوءِ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جڏهن (١١٣٦ ھ) ۾ حرمين شريفين کان واپس ٿيا هندستان جي شهر سورت جي بندرگاه تي لٿا ۽ حضرت سيد سعدالله رحمة الله عليه جي خدمت اقدس ۾ حاضرٿي سلسله عاليه قادريه ۾ داخل ٿيا ۽ پورو هڪ سال ڪامل مرشد جي خدمت ۾ رهي ڪري سلوڪ ۽ تصوف جون منزلون طي ڪيائون تنهن کان بعد مرشد ڪامل حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي خرقه خلافت عطافرمايو ۽ بيعت ڪرڻ جي اجازت به عطافرمايائون ۽ مخدوم صاحب رحمة الله عليه حضرت سيد سعدالله سورتي جي وڏن خليفن ۾ شمار ٿيو. ان کان پوءِ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه (١١٣٧ ھ) پنهنجي وطن واپس ٿيا. حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي هيٺ ڏنل سلسلن جي خلافت ۽ اجازت مليل هئي.

سلسلہ عاليہ قادريہ ، سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ، سلسلہ عاليہ چشتيہ ، سلسلہ عاليہ سهرورديہ ، سلسلہ عاليہ شطاريہ ، سلسلہ عاليہ شاذليہ ، سلسلہ عاليہ قشيريہ ، سلسلہ عاليہ رفاعيہ ، سلسلہ عاليہ احمديہ ، سلسلہ عاليہ جنيديہ ، سلسلہ عاليہ اويسيہ .

پر مخدوم صاحب رحمۃ اللہ علیہ جو حقيقي ۽ قلبي تعلق سلسلہ عاليہ قادريہ سان هو.

عشق رسول كريم ﷺ:

عشق رسول كريم ﷺ ايمان جو بنياد آهي بغير عشق ۽ محبت رسول ﷺ كامل ايمان نہ ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ نہ مقبول . اللّٰه ربّ العالمين جي محبت جي لاءِ رسول كريم ﷺ جي محبت شرط آهي .

حضرت مخدوم صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي پوري زندگي جو محور محبت ۽ عشق رسول كريم ﷺ هو جنهن جو اثر سندن زندگي تي نمايان نظر ايندو هو پاڻ سنت مطهره جا بهترين نمونا هئا سندن هرهڪ پساه ياد رسول كريم ﷺ ۽ محبت مصطفي ﷺ سان معطر هو.

حضرت مخدوم صاحب رحمۃ اللہ علیہ رسول كريم ﷺ جي مدح سرائي ۾ واڪاڻ ۾ گهڻا قصيدا لکيا ۽ حضور ﷺ جن كان مدد طلب كئي ۽ رسول كريم ﷺ جي خدمت اقدس ۾ مدد جي لاءِ پنهنجي درد پري دانهن پيش كري (استغاثہ ۽ استمداد) كيائون.

انهن مان چند قصيده ۽ اشعار پيش خدمت آهن جنهن سان مخدوم صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي عشق ۽ عقيدي ۽ مسلك جو اندازو كري سگهجي ٿو.

١

اَغِثْنِیْ یَارَسُوْلَ اللّٰہِ حَانَتْ نِدَامَتِیْ
اَغِثْنِیْ یَاحَبِیْبَ اللّٰہِ قَامَتْ قِیَامَتِیْ

يارسول الله ﷺ! منهنجي واهر فرمايو ، جومنهنجي ندامت ۽ شرمساريءَ جووقت ٿي چڪو آهي • ۽ پڻ منهنجي مدد فرمايو،جوقيامت قائم ٿي چڪي آهي •

٢

اَغِثْنِیْ یَاشَفِیْعَ الْمُذْنِبِیْنَ جَمِیْعِھِمْ
تَفَرَّقَتْ فِیْ دِمَآءٍ کَثُرَتْ شَامَتِیْ

رَس يارسول الله ﷺ! جواوهان سيني گهنگارن جي شفاعت ڪندڙ آهيو• ۽ منهنجي رت ۽ رڳ ۾ گناهن جي گهڻائيءَ جي شامت پريل آهي•

٣

اَغِثْنِیْ مُسْتَغِیْثًا مُذْنِبًا مُتَذَلِّلًا
ضَعِیْفًا نَحِیْفًا مِنْ وُّفُوْرِ وَخَامَتِیْ

پهچڻ واري ڪريو يارسول الله ﷺ! مون گنهگار ، ذليل ، ضعيف ، ڪمزور ۽ هن هواجي هر جهوٽي اڳيان جهڪيل ۽ نميل جي فرياد ٻڌو•

٤

اَغِثْنِیْ یَاغِیَاثَ الْمُسْتَغِیْثِ فَاِنَّنِیْ

لِكَثْرَةِ اَوْزَارِیْ تُكَسِّرُ قَامَتِیْ

منهنجي فرياد ٻڌو. اي فريادين جون فريادون ٻڌڻ ۽ دانهون ورنائڻ وارا نبي سگورا ﷺ ! • جوڏوهن ۽ گناهن جي ڳري بار سبب منهنجي چيله چبي تي پئي آهي ۽ بيهي نه ٿو سگهان•

(۵)

فَخُذْ بِيَدِیْ يَا شَفِيْعَ الْخَلْقِ اِنَّنِیْ

عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ رَاَيْتُ مُقَامَتِیْ

ساري مخلوق کي ڇوٽڪاري ڏيڻ وارا عربي ڄام ﷺ ! منهنجو هٿ وٺ ۽ بچاء • جومان جهنم جي ڪناري تي بيٺل آهيان •

(۶)

اَضَاءَ بِكَ الْاَكْوَانُ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ

فَيَا نُوْرَ اللّٰهِ نَوِّرْ سَحَامَتِیْ

اوهان جي نورجي ظهورسان جمله جهان روشن ٿيا• پوءِ اي الله تعاليٰ جا نور ﷺ ! منهنجي ڪُڏ ڇڙهيل ڪارڻ کي بہ پنهنجي نورانيت سان روشن فرماء.

(۷)

فَلَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ سَبْعَ الطِّبَاقِ وَلَا

سَبْعَ الْجِنَانِ وَ لَا نَاحَتْ حَمَامَتِیْ

اي منا مرسل ﷺ! جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ هي سموري تخليق آسمانن ۽ زمينن جا ست طبق • ۽ جنت ۽ دوزخ ڪجهہ نہ هجي ها نہ وري ڪو پڪي پڪاريندڙ هجي ها•

تصنيفات وتاليفات:

درس وتدريس وعظ ونصيحت، فيصلا ۽ فتاوي ۽ مريدن جي تزڪيہ نفس ڪان علاوه حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه تصنيف وتاليف جوسلسلو بہ جاري رکيو سندن تمام ڪتاب عربي،فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ آهن .

عالمن سڳورن مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي ڪتابن جي تعداد هڪ سؤ پنج ، ۽ ڪجه عالمن هڪ سؤ پندرهن ۽ ڪجهن هڪ سؤ ويهہ ، ڪجهن هڪ سؤ چاليهہ کان بہ زياده ذڪر ڪيا آهن .

جنهن سان حضرت مخدوم صاحب قدس سره العزيز جي علم ونظر جي وسعت ۽ فقهي بصيرت ۽ استدلال جي قوت ۽ بي پناه قوت فيصلہ جوبخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سيرت هاشميہ:

حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ چار هزار ڪتاب پڙهيم. انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم:

(١) اي منهنجا نفس! خداتعالي جي عبادت ڪرين تہ ڪر،نہ تہ ان جورزق نہ کاءُ!.

(٢) اي منهنجا نفس! جنهن ڪان خدا تعالي روڪ ڪئي آهي ان ڪان پاسو ڪر نہ تہ ان جي ملڪ مان نڪري وڃ.

(٣) اي منهنجا نفس! جيڪي ازلي قسمت مان توکي پهچي ان تي صبر ڪر نہ تہ ڪوبہ خدا ڳول جيڪو توکي روزي وڌائي ڏي.

(٤) اي منهنجا نفس! جي گناهہ جو خيال ڪرين تہ ڪا اهڙي جاءِ تلاش ڪر جتي توکي خدا نہ ڏسي نہ تہ گناهہ نہ ڪر!

وصال شريف:

مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي وصال شريف جي باري ۾ سندس لائق فرزند حضرت مخدوم عبداللطيف رحمة الله عليه اکين ڏٺو احوال پنهنجي ڪتاب مناقب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۾ هن ريت لکيو آهي.

ضعيف ٻانهو فقير عبداللطيف چوي ٿو تہ مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي حياتي مبارڪ ۾ تہ سندس وصفون تمام گهٽيون هيون پر وصال کان پوءِ بہ اهل وفا بزرگن خواب ۾ مشاهدا ڪيا آهن.

جڏهن مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي چمارستر سالن جي قريب ٿي تہ کين ١٦ ربيع الاول (سن ١١٧٤ هہ) تي تيز بخار ٿيو.

تاريخ ٦ رجب المرجب خميس جي ڏينهن ١١٧٤هہ (بمطابق ٩ فيبروري ١٧٦١ع) تي مخدوم صاحب رحمة الله عليه هن فاني جهان مان موڪلائي دارالبقاء ڏي رحلت ڪري ويا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ.

ان ڏينهن جڏهن صبح جو وقت ٿيو تہ پاڻ فجر نماز تيمم ڪري اشارن سان پڙهيائون فجر نماز کان پوءِ راقم عبداللطيف سندس خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيو تہ طبيعت ڪيئن آهي ؟ پاڻ فرمايائون تہ الحمد لله پراڃ فجر جي نماز پڙهي تہ اٿم مگر ڪمزوريءَ جي ڪري صحيح نماز ادا ڪرڻ ۾ شڪ آهي

تنهن ڪري ان نماز کي فديي ۾ داخل ڪريو يعني هن نماز جو منهنجي طرفان فديو ادا ڪجو.

حضرت مخدوم صاحب ﷫ کي غسل سيد عبدالقادر شيرازي، ميان محمود، سعدالله ، فخرالدين، ابراهيم رنگريز ۽ حافظ آدم طالب علم ڏنو.

مخدوم صاحب ﷫ جي جنازي نماز قاضيءَ ۽ سندس فرزندن جي اجازت سان مخدوم محمد باقر پڙهائي ماڻهن جي گهڻائيءَ جي ڪري سندن جنازي نماز عيد گاه ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز کان پوءِ عيدگاه جي پوئين پاسي کين دفن جي لاءِ آندو ويو. مخدوم صاحب ﷫ جي ڪرامتن مان هڪ هيءَ به آهي ته جنهن حويليءَ ۾ مخدوم صاحب ﷫ کي غسل ڏنو ويو ان جاءِ تان پنج ڇهه مهينا خوشبوءِ ايندي رهندي هئي.(انتهي)

خدا رحمت کند ایں عاشقاں پاک طینت را

مزار پُر انوار:

حضرت مخدوم صاحب ﷫ جي مزار پرانوار مڪلي شهر هاشم آباد ۾ مشهور ومعروف آهي ۽ سندس مزار مرجع الخلائق آهي اهل محبت وڏي عقيدت سان حاضري ڪري فيضياب ٿيندا آهن ۽ مخدوم صاحب ﷫ جي وسيلي سان بارگاه خداوندي ۾ سوال ڪندا آهن الله تعالي انهن جون مشڪلاتون حل فرمائيندو آهي.۽ سندن ساليانو عرس مبارڪ ٦ رجب المرجب تي وڏي عقيدت سان ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ عالم سڳورا سندن علمي خدمتن ۽ حالات زندگي تي روشني وجهندا آهن.

راقم الحروف حقير فقير (محمّدجان) جي مخدوم صاحب ﷫ سان بي پناه

محبت ۽ عقيدت آهي ۽ اڪثر مزارشريف تي حاضر ٿيندو رهندوآهي ۽ مزار تي قلبي سڪون ۽ روحانيت محسوس ڪندو آهي ۽ اسان جا والد گرامي حضرت شمس الفقهاء عالمِ ربّاني پيرڪامل مفتي محمّد عبدالله مجدّدي نعيمي شهيد قدس سره العزيز بہ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه سان بي حد محبت رکندا هئا.

۽ سندن اها خواهش هئي تہ مخاديم سنڌ رحمهم الله تعاليٰ جون تصنيفات وتاليفات ۽ بالخصوص حضرت شيخ الاسلام مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليه جا ڪتاب ڇپائي منظر عام تي آندا وڃن جيئن تہ عام ۽ خاص انهن مان استفادو ڪن.

بحمده تعاليٰ دارالعلوم مجدّديہ نعيميہ جو شعبو نشرو اشاعت انهيءَ سلسلي کي جاري رکيو اچي ۽ هن وقت تائين حضرات مخاديم سنڌ رحمهم الله تعاليٰ جاتقريبا ۱۸ ڪتاب ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن ۽ ٻين ڪتابن تي تحقيق ۽ تخريج جو ڪم جاري آهي.

آخر ۾ الله ربّ العالمين کان دعا آهي تہ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي مزار پرانوار تي بي حساب رحمتون نازل فرمائي ۽ انجي درجن کي مزيد بلند فرمائي ۽ اسان سيني کي حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي تعليمات ۽ ان جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان جي فيوض وبرڪات کان مستفيض فرمائي . آمين بجاه سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم.

طالب دعا

الفقيراليٰ عفو ربہ الڪريم ابوعبيدالله

محمّدجان مجددي نعيمي عفي عنہ

بسم الله الرحمن الرحيم

سبحانك لا علم لنا الا ما علمتنا انك انت العليم الحكيم . ولا حول ولا قوة الا بالله العلي
العظيم الحمد لله رب العالمين . حمد الشاكرين . والصلوة والسلام على رسوله محمد
سيد الاولين . والاخرين . وعلى آله واصحابه الطيبين الطاهرين . واهل بيته وازواجه
امهات المؤمنين . وعترته وانصاره واشياعه اجمعين اما بعد ميگويد بنده ضعيف اميدوار
برحمت حضرت ملك قوي . محمد هاشم بن مرحوم عبد الغفور سندي . رحمهما ربهما و
ستر عيوبهما انه الرحيم الغني . كه اين رساله ايست مختصره كه درج كرده مي آيد در وي
كيفيات صلوات ماثوره كه وارد شده اند در احاديث مرفوعه بسوي جناب حضرت
رسول كريم عليه افضل الصلوة واشرف التسليم و در آثار صحابه و تابعين رضي الله
تعالى عنهم ورضوا عنه اجمعين و ايراد نموده شده است در وي بعضي ازانچه وارد
شده است در احاديث ضعيفه از جهت آنكه عمل كرده شود بحديث ضعيف و مرسل و
منقطع و معضل در فضايل اعمال اتفاقا كما صرح به ابن الحجر المكي في فتاواه المسماة بالفتاوى
الحديثية و تسويد كرده شد در وي رساله روز چهارشنبه دويم شهر رجب مرجب منتظم
در سلك سنه الف و مائة و ثلث و ثلثين از هجرت نبويه على صاحبها افضل الصلوة و
التحية و فراغ يافت بتاريخ نهم هم ازشهر رجب با وجود تعويق بعضي عوايق و مدافعه
قدري از علايق و تسميه كرده شد او را به ذريعة الوصول الى جناب الرسول صلى الله عليه
وسلم و ذكر كرده شده است در وي بعضي از كيفيات صلوات كه شامل اند مر
جميع حالات و بعضي ديگر كه مخصوص اند ببعضي اوقات و بنا كرده شده است او را
بر پنج فصل فصل اول در بيان كيفيات صلواتي كه منقول شده اند از جناب شريف
حضرت سيد انام عليه وعلى آله وصحبه افضل الصلوة واشرف السلام خاتمه فصل
[illegible] در بيان آنچه منقول شده است از كيفيات صلوات در احاديث كه حكم كرده اند
بر آنها بعضي از علماء محدثين بوضع و عدم ثبوت فصل دويم در بيان كيفيات
صلواتي كه منقول شده اند بطريق منام از آنحضرت عليه الصلوة والسلام
يا معروض گشته اند در منام بر وي فصل سيوم در بيان كيفيات صلواتي كه منقو

اصل رسالي جي پهرين صفحي جو عکس

هٿ اکر حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه

وعلى آل ابراهيم انك حميد مجيد پس گفته شد مراد در جواب من که آیا نوعی فصیح تر و با داشته
تر بمعانی کلم وجوامع فصل خطاب از پیغمبر خدا صلی الله تعالی علیه وسلم پس استغفار نمودم
از ما مضی و رجوع نمودم از اجمال بسوی تفصیل انتهی کلامه والله تعالی اعلم فائده حسنه
ایضاحا فقط سخاوی رحمه الله تعالی در قول بدیع گفته که پرسیده شد شیخ ما را یعنی
حافظ ابن حجر عسقلانی را رحمه الله تعالی که آیا افضل صیغهٔ صلوة بلفظ خبر است که صلی
الله علی محمد یا بلفظ طلب که اللهم صل علی محمد جواب داد که افضل آنست که بصیغه طلب باشد
چه همونست وارد در اخبار که تعلیم میفرمود آنحضرت صلی الله تعالی علیه وسلم مر صحابه را
یعنی عقب تشهد وغیر آن وگفت بگوئید اللهم صل علی محمد وظاهر است که او تعلیم نکند اختیار
مگر طریق افضل پس باز پرسیده شد شیخ ما را که پس بچه سبب اطباق کرده اند اصحاب حدیث
از قدیم وحدیث برآنکه چون می نویسند ایشان صلوة را بر اسم شریف می نویسند از بصیغه
خبر چنانکه صلی الله علیه وسلم یا علیه الصلوة والسلام و یافته نمی شود در کتب ایشان غیر
این طریق جواب داد که سبب آن آنست که ما مامور شده ایم ما با فشاء علم و بحدیث مردم
بوجهی که ایشان بفهمند و مجتمع می شوند نزد قرائت کتب حدیث خواص وعوام بلکه عوام
بسیار ترند پس چون ترسیده شد از ایشان که مبادا بفهمند از صیغه طلب که ممکن صلوة
از حضرت حق جل ذکره هنوز موجود نشده و ما میخواهیم از وی تعالی حصول آن از برای
آنحضرت پس آورده شد صیغه خبر را که متبادر گردد از آن بسوی افهام آن عوام
حصول صلوة از حق سبحانه وتعالی و این صیغه خبر با وجود آنکه دور میکند این عوام را
از مثل این وهم مع ذلک متضمن است مر طلب را نیز که مامور شده ایم ما بآن در خبر انتهی
ماذکره السخاوی نقلا عن شیخه والله سبحانه وتعالی اعلم ولا حول ولا قوة الا بالله
العلی العظیم • وصلی الله تعالی علی سیدنا
محمد وآله وصحبه اجمعین والحمد لله
رب العالمین ٥
تمت الرسالة
٥

اصل رسالي جي آخري صفحي جو عڪس

هٿ اکر حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمه الله

رسالي جو مقدّمو

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

سُبۡحَانَكَ لَا عِلۡمَ لَنَا إِلَّا مَا عَلَّمۡتَنَا إِنَّكَ أَنۡتَ الۡعَلِيۡمُ الۡحَكِيۡمُ

وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنِ حَمۡدَ الشَّاكِرِيۡنَ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ مُحَمَّدٍ سَيِّدِ الۡأَوَّلِيۡنَ وَالۡآخِرِيۡنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهِ الطَّيِّبِيۡنَ الطَّاهِرِيۡنَ وَأَهۡلِ بَيۡتِهٖ وَأَزۡوَاجِهٖ أُمَّهَاتِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَعِتۡرَتِهٖ وَأَنۡصَارِهٖ وَأَشۡيَاعِهٖ أَجۡمَعِيۡنَ.

امّابعد: حضرت بادشاھ قوي جي رحمت جواميدوار ڪمزور ٻانهو محمدهاشم بن عبدالغفور سنڌي (ربّ تعاليٰ ٻنهي تي رحم فرمائي ۽ ٻنهي جي عيبن تي پردو رکي بيشڪ اهو ربّ رحم وارو ۽ بي نياز آهي)عرض ڪري ٿو تہ: هي هڪ مختصر رسالو آهي جنهن ۾ درود شريف جاهي منقول الفاظ ۽ ڪيفيتون جمع ڪيون وڃن ٿيون جيڪي رسول ڪريم ﷺ جن جي مرفوع حديثن ۾ آيل آهن ۽ اصحابن سڳورن ۽ تابعين رضي الله تعاليٰ عنهم جي آثارن ۾ بہ آيل آهن ۽ هن رسالي ۾ بعض اُهي ڪيفيتون بہ بيان ڪيون وينديون جيڪي ضعيف حديثن ۾ آيل آهن ڇوتہ فضائل اعمال ۾ ضعيف، مرسل، منقطع ۽ معضل حديث تي بہ عمل ڪيووِيندو آهي جيئن تہ هن مسئلي جي شيخ علامہ ابن حجرمڪي رحمه الله پنهنجي ڪتاب (الفتاويٰ الحديثيه) ۾ (تفصيلي) وضاحت ڪئي آهي.

هن رسالي جي شروعات بروز اربع ٢ رجب ١١٣٣ھ ۾ ٿي ۽ ڪجهه رڪاوٽن ۽ تڪليفن جي باوجود انهيءَ مهيني جي ١٧ تاريخ تي هن رسالي جي تاليف کان فارغ ٿيس ۽ هن رسالي جو نالو "**ذريعة الوصول الیٰ جناب الرسول**" رکيم هن رسالي ۾ درود شريف جون ڪجهه اُهي ڪيفيتون ذڪرڪيل آهن جيڪي سيني حالتن تي شامل آهن ۽ ڪجهه اُهي ڪيفيتون آهن جيڪي مخصوص وقتن سان خاص آهن ۽ هن رسالي ۾ **پنج فصل** آهن.

- **فصل پهريون :**

انهن درودن جي ڪيفيتن ۾ جيڪي رسول ڪريم ﷺ کان منقول آهن ۽ انهيءَ فصل جي خاتمي ۾ درود شريف جون اُهي ڪيفيتون مذڪور آهن جيڪي اهڙين حديثن ۾ آيل آهن جن جي باري ۾ بعض محدثن جڙتو ۽ عدم ثبوت جوحڪم لڳايو آهي.

- **فصل ٻيو :**

انهن درودن جي ڪيفيتن ۾ جيڪي رسول ڪريم ﷺ کان خواب جي ذريعي منقول آهن ياخواب جي ذريعي پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪياويا.

- **فصل ٽيون:**

انهن درودن جي ڪيفيتن جي بيان ۾ آهي جيڪي اصحابن سڳورن ۽ تابعين رضي الله تعالیٰ عنهم کان منقول آهن.

- **فصل چوٿون:**

انهن درودن جي ڪيفيتن ۽ الفاظن جي بيان ۾ آهي جيڪي اصحابن سڳورن ۽

تابعين رضي الله تعاليٰ عنهم کان علاوه ٻين معتبر عالمن ۽ صالحن رحمة الله عليهم کان منقول آهن.

- **فصل پنجون :**

هن بيان ۾ آهي تہ درود شريف جاکهڙا الفاظ ۽ کيفيتون سڀ کان بهتر آهن ۽ ان ۾ عالمن سڳورن جي اختلاف جو بيان بہ آهي.

ڇائڻ گهرجي تہ:

اڳوڻن گهڻن عالمن سڳورن درود شريف جي موضوع تي ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ منقول حديثن کي جمع ڪيو اٿن. انهن مان ڪجهه عالمن سڳورن جا نالا هي آهن.


- علامہ فهام قاضي اسماعيل رحمة الله عليه
- علامہ ابوبکر بن أبي عاصم رحمة الله عليه
- ابوعبدالله نميري مالکي رحمة الله عليه هن پنهنجي ڪتاب جونالو "ڪتاب الاعلام بفضل الصلوات علي النّبيّ عليہ الصلاة والسّلام" رکيو آهي.
- حافظ أبوالقاسم ابن بشکوال رحمة الله عليه هن موضوع تي هڪ ننڍڙو رسالو لکيو آهي جنهن جونالو رکيو اٿس "ڪتاب القربة الي ربّ العالمين بالصلات علي محمّد سيّد المرسلين صلى الله عليه وسلم"
- حافظ أبوعبدالله ضياء مقدّسي رحمة الله عليه "المختارة" ڪتاب وارو.
- حافظ أبوموسي مديني رحمة الله عليه
- حافظ أبوالشيخ ابن حبان رحمة الله عليه
- علامہ أبوالحسن بن فارس لغوي رحمة الله عليه

- علامہ أبواحمد دمياطي نسابہ رحمہ اللہ جنهن جي كتاب جونالو آهي . "كشف الغمّة بالصلاة علي النّبيّ الرّحمة صلی اللہ علیہ وسلم "
- حافظ أبوالفتح بن سيّدالنّاس المعروف يعمري رحمہ اللہ
- حافظ محب الدين طبري رحمہ اللہ
- علامہ أبومحمّد جبربن محمّد بن جبربن هشام قرطبي. هيءُ علامہ ابن بشكوال رحمہ اللہ جوشاگرد آهي.
- علامہ ابن القيّم حنبلي رحمہ اللہ هن پنهنجي كتاب جونالو "جلاء الأفهام بصلاة النّبيّ عليہ الصلاة والسلام" ركيو.
- علامہ تاج الدين أبوحفص عمربن عليّ فاكهاني مالكي رحمہ اللہ هن جي كتاب جونالو آهي "كتاب الفجر المنير في الصلاة علي البشير النذير صلی اللہ علیہ وسلم "
- علامہ أبوالقاسم بن أحمد بن أبي القاسم تونسي مالكي رحمہ اللہ هن جي كتاب جونالوآهي "فضل التسليم علي النّبيّ الكريم صلی اللہ علیہ وسلم "
- حافظ أبوالعباس أحمد بن محمّد بن عيسيٰ أندلسي أقليسي رحمہ اللہ هن پنهنجي كتاب جونالو "أنوار الاثار المختصة بفضل الصلاة علي النّبيّ المختار صلی اللہ علیہ وسلم " ركيوآهي.
- علامہ شهاب الدين بن أبي حجلہ حنفي رحمہ اللہ هن پنهنجي كتاب جونالو "دفع النقمة في الصلاة علي النّبيّ الرحمة صلی اللہ علیہ وسلم " ركيوآهي
- شيخ مجد الدين فيروز آبادي رحمہ اللہ صاحب "قاموس" هن پنهنجي كتاب جونالو "كتاب الصلات والبشرفي الصلاة علي سيّد البشر صلی اللہ علیہ وسلم " ركيوآهي

- شيخ أبوعبدالله محمّد بن موسيٰ بن نعمان رحمة الله عليه هن پنهنجي ڪتاب جونالو "الفوائدالمدنيّة في الصلاة علي خيرالبريّة صلي الله عليه وآله وسلم" رکيو آهي .
- حافظ شمس الدين سخاوي رحمة الله عليه جيڪو "المواهب اللدنية" جي مصنف علامہ قسطلاني جواستاد آهي هن پنهنجي ڪتاب جونالو "القول البديع في الصلاة علي الحبيب الشفيع صلي الله عليه وآله وسلم" رکيو آهي .

انهن کان علاوه ٻيا بہ گهڻا ڪتاب ۽ رسائل انهيءَ موضوع تي لکياويا آهن. پرمون هن رسالي کي انهن ڪتابن مان بطوراختصار منتخب ڪيوآهي ۽ انهن مان اڪثرڪتابن مان بالواسط نقل ڪيوآهي ۽ ڪجھ بغيرواسطي جي ۽ هن رسالي ۾ صرف درود شريف جا الفاظ ۽ ڪيفيتن کي نقل ڪرڻ تي اڪتفاء ڪئي آهي.

هن رسالي ۾ درود شريف جافضائل ۽ معنائون ۽ انهن جي متعلق ٻين فائدن کي ڇڏيو آهي اهوطالبن ۽ شوق رکندڙن جي سهولت کي مد نظررکندي ڪيوآهي. الله تعاليٰ توفيق ڏيندڙ ۽ مدد ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ کان مدد جاطلبگار آهيون.



إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا

فصل پهريون

درود شريف جي انهن (الفاظ) ڪيفيتن جي باري ۾ جيڪي حضرت سيّدِ الأنام عليه وعلى آله وصحبه أفضل الصّلاة وأشرف السّلام کان منقول آهن ۽ اهي ڪل ٽيونجهه (٥٣) ڪيفيتون آهن.

03461133153

١

درود ابراهيمي

صحيح بخاري ۾ آهي تہ: حضرت عبدالرحمٰن بن أبي ليليٰ رحمة الله عليه کان منقول آهي تہ منهنجي ملاقات حضرت ڪعب بن عجره رضي الله عنه سان ٿي انهن مون کي چيو تہ: ڇا آئون توهان کي هڪ (عظيم الشان) تحفو ڏيان؟

هڪ ڏينهن رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم اسان وٽ (حجري شريف کان) ٻاهرتشريف فرما ٿيا اسان عرض ڪيويارسول الله ! اسان کي اهو تہ معلوم آهي تہ توهان تي ڪهڙن الفاظن سان سلام پيش ڪريون "يعني: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" جيڪوتشھّد (التحيات) ۾ پڙهيوتووڃي، باقي توهان تي درود شريف ڪهڙن لفظن ۾ پيش ڪريون، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ: هن طرح چوندا ڪريو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

فائدو: حضرت شيخ ملاّ عليّ قاري حنفي رحمة الله عليه (پنهنجي ڪتاب) "شرح حصن حصين" ۾لکيو آهي تہ: درود شريف جا اهي الفاظ افضل ۽ اڪمل آهن نماز ۾ (تشهد کان بعد) ۽ نماز کان سواء بہ هن جي پابندي ڪئي وڃي .

٢

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

امام طبراني رحمة الله عليه انهيءَ روايت کي هنن الفاظن سان نقل ڪيو آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ ۰ وَصَلِّ عَلَيْنَا مَعَهُمْ ۰ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَبَارِكْ عَلَيْنَا مَعَهُمْ ۰

٣

تشهد کان بعد درود شريف

حضرت امام شافعي رحمة الله عليه ڪتاب "الاُمّ" ۾ ۽ امام بيهقي رحمة الله عليه "سنن الڪبريٰ" ۾ حضرت عبدالرحمٰن بن أبي ليليٰ رحمة الله عليه جي روايت نقل ڪئي آهي. ته: حضرت ڪعب بن عجره رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم نماز ۾ (تشهد کان بعد) هي درود شريف پڙهندا هئا.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۰ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۰

٤

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

"صحيح مسلم" شريف ۾ حضرت ابو مسعود انصاري بدري رضي الله عنه کان روايت

آهي تہ: اسان حضرت سعد بن عباده رضي الله عنه جي مجلس ۾ ويٺا هئاسين اُتي رسول ڪريم ﷺ تشريف فرما ٿيا اتي حضرت بشير بن سعد رضي الله عنه عرض ڪيو تہ:يارسول الله ! الله پاڪ اسان کي حڪم فرمايو آهي تہ توهان تي درود شريف پڙهون. يارسول الله ! ڪيئن پڙهون؟ (انهيءَ جوطريقو ڇاآهي) ٿوري دير ڪان پوءِ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ. وَ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ فِي الْعَالَمِيْنَ. إِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

٥

درود ابراهيمي پڙهڻ جوهڪ ٻيو طريقو

مسند امام احمدبن حنبل ۽ صحيح ابن حبان ۾ حضرت ابومسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضرٿيو ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جي سامهون ويٺوءِ عرض ڪيائين تہ: يارسول الله ! توهان جي ذات مبارڪ تي سلام پيش ڪرڻ جوطريقومعلوم آهي "يعنيٰ :اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" باقي جڏهن اسين توهان تي نماز ۾ درودشريف پڙهون تہ ڪيئن پڙهون؟ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ: جڏهن مون تي درود شريف پڙهو تہ هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ وَ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ

عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ. وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

٦

درود ابراهيمي پڙهڻ جو ٻيو طريقو

امام بخاري رحمة الله عليه ، امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه ، امام نسائي رحمة الله عليه ، امام ابن ماجه رحمة الله عليه ۽ امام بيهقي رحمة الله عليه ، حضرت أبوسعيد خدريؓ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته اسان عرض ڪيو ته: يارسول الله ! توهان جي (ذات مبارڪ) تي سلام جو طريقو اسان کي معلوم آهي "يعني: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" پر درود شريف ڪيئن پيش ڪريون؟ پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ. وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ.

٧

درود ابراهيمي پڙهڻ جو ٻيو طريقو

امام مالڪ رحمة الله عليه ، امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه ، امام بخاري رحمة الله عليه ، امام مسلم رحمة الله عليه ، امام أبوداود رحمة الله عليه ، امام نسائي رحمة الله عليه ۽ ٻين محدثين رحمهم الله تعالىٰ

حضرت أبوحميد ساعدي ﷺ جي روايت نقل ڪئي آهي تہ اصحابن سڳورن ﷺعرض ڪيو تہ : يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪيئن پيش ڪريون؟ پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو تہ: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ. وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(٨)

التحيات کان بعد درود ابراهيمي

امام حاڪم ﷺ پنهنجي ڪتاب "مستدرڪ" ۾ حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ: جڏهن اوهان مان ڪوبہ نماز ۾ تشهد (التحيات)پڙهي (بعد ۾) هن طرح (درود شريف) پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ . وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ. وَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ. وَّارْحَمْ مُحَمَّدًا وَّاٰلَ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ وَبَارَكْتَ وَتَرَحَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ . اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(٩)

التحيات کان بعد درود ابراهيمي جو ٻيو طريقو

امام دار قطني ﷺ ۽ أبوحفص بن شاهين ﷺ ، حضرت عبدالله بن مسعود

رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم مون کي تشهد (التحيات) نماز جي ائين تعليم ڏنائون جئين اسان کي قرآن شريف جي سورتن جي تعليم ڏيندا هئا پوءِ تشهد (التحيات) جي پوري ٿيڻ کان پوءِ هن درود شريف پڙهڻ جي تعليم ڏيندا هئا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلَيْنَا مَعَهُمْ ۔ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلَيْنَا مَعَهُمْ ۔ صَلَوَاتُ اللهِ وَصَلَوَاتُ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ ۔ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ۔

(١٠)

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

علامه نميري رحمة الله عليه "كتاب الأعلام بفضل الصلاة على النّبى عليه الصّلاة والسّلام" ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي ته اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو ته: يارسول الله! اسان توهان تي درود شريف ڪهڙي طرح پڙهون؟ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته هن طرح پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ وَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ وَبَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔

(۱۱)

رسول ڪريم ﷺ جي شفاعت حاصل ڪرڻ جو درود شريف

امام بخاري رحمه الله "الأدب المفرد" ۾، امام أبوجعفر طبري رحمه الله "تهذيب الآثار"، ۾ ۽ امام عقيلي رحمه الله حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو جيڪو شخص هي درود شريف پڙهندو رهي ته: آئون قيامت جي ڏينهن ان جي حق ۾ شاهدي ڏيندس ۽ ان جي شفاعت (سفارش) ڪندس :

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۔ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۔ وَتَرَحَّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا تَرَحَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۔

(۱۲)

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

امام ابن أبي عاصم رحمه الله حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: هڪ موقعي تي رسول ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو ويو ته الله تعالىٰ جَلَّ شانه اسان کي حڪم ڪيو آهي ته: توهان تي درود شريف پڙهندا رهون. ڪيئن

درود شريف پڙهندا رهون؟ پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو ته: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ إِبْرَاهِيْمَ • وَارْحَمْ مُحَمَّدًا وَّآلَ مُحَمَّدٍ كَمَا رَحِمْتَ إِبْرَاهِيْمَ وَآلَ إِبْرَاهِيْمَ •

(١٣)

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه ۽ امام طبري رحمة الله عليه حضرت موسيٰ بن طلحه رضي الله عنه کان ان جي والد گرامي جي روايت نقل ڪئي آهي ته هڪ شخص رسول ڪريم ﷺ جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته: يانبي الله ! اسان توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهندا ڪريون ؟ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ إِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ •

(١٤)

درود شريف پڙهڻ جو حڪم

امام ابن أبي شيبه رحمة الله عليه "المصنّف" ۾ ۽ امام سعيد بن منصور رحمة الله عليه ۽ علامه اسماعيل قاضي رحمة الله عليه ،حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي

آهي تہ جڏهن هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي. يعنى: ﴿إِنَّ اللهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يَاأَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا﴾ تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهندا ڪريون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَ بَرَكَاتِكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا جَعَلْتَهَا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(١٥)

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

قاضي اسماعيل رحمة الله عليه حضرت عبدالرحمن بن بشير بن مسعود رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي عرض ڪيوويو تہ: يارسول الله ! توهان اسان کي درود وسلام جوحڪم فرمايوآهي تہ: مون تي درود وسلام پڙهو ، سلام پڙهڻ جوطريقواسان کي معلوم آهي"يعنى: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" پر توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ.

(١٦)

نماز ۾ درود شريف هن طرح پڙهو

حضرت امام شافعي رحمه الله حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ مون عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! اسان نماز ۾ توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهندا ڪريون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ • وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ •

(١٧)

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

امام طبري رحمه الله حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪيئن پيش ڪريون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ: هن طرح پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ • وَّبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ وَبَارَكْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ وَآلِ إِبْرَاهِيْمَ فِي الْعَالَمِيْنَ • إِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ •

(١٨)

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

علامہ ابن جرير رحمة الله عليه حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ اسان عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! اسان کي توهان تي سلام پيش ڪرڻ جو طريقو تہ معلوم آهي . باقي درود شريف ڪيئن پڙهندا ڪريون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ . وَارْحَمْ مُحَمَّدًا وَّآلَ مُحَمَّدٍ كَمَا رَحِمْتَ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ . وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ .

١٩

درود ابراهيمي جو هڪ ٻيو طريقو

علامہ اسماعيل قاضي رحمة الله عليه حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليه کان روايت ڪئي آهي تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪهڙي طريقي سان پيش ڪريون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ: هيئن چوندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ .

٢٠

گهڻي ثواب حاصل ڪرڻ جو درود شريف

امام أبو داود رحمة الله عليه، حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ: جيڪو شخص اهو گهري ٿو تہ مون ڪي سڀ کان گهڻو ثواب ڏنو وڃي تہ ان کي گهرجي اسان اهل بيت تي هيءُ درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ وَاَزْوَاجِه اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَذُرِيَّتِه وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ ۔ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ۔

(٢١)

وڏي مقدار ۾ ثواب ملڻ جو درود شريف

امام نسائي رحمة الله عليه "مسند علي" ۾، ۽ علامہ ابن عدي رحمة الله عليه "الكامل" ۾ ۽ علامہ ابن عبدالبرّ رحمة الله عليه حضرت عليّ المرتضٰي رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو ارشاد آهي تہ: جنهن شخص کي اها ڳالهہ پسند آهي تہ مون کي وڏي مقدار ۾ ثواب ملي اهو اسان اهل بيت تي هن طرح درود شريف پڙهندو ڪري:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَبَرَكَاتِكَ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ وَاَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَذُرِيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ ۔ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔

(٢٢)

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

امام أحمد بن حنبل رحمة الله عليه ، (امام) أحمد بن منيع رحمة الله عليه ، (امام) عبد بن حميد رحمة الله عليه پنهنجي "مسندن" ۾ ۽ أبوالعباس سراج رحمة الله عليه ۽ (امام) معمري رحمة الله عليه ۽ قاضي اسماعيل رحمة الله عليه. حضرت بريدة بن حصيب اسلمي رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ اسان عرض ڪيوتہ: يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪيئن پيش ڪريون؟ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايوتہ : هن طرح پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَ رَحْمَتَكَ وَ بَرَكَاتِكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا جَعَلْتَهَا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

حضرت شيخ محدث دهلوي رحمة الله عليه بہ هن درود شريف کي پنهنجي رسالي "جذب القلوب إلىٰ ديار المحبوب" ۾ ذڪر ڪيو آهي .

(٢٣)

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "جذب القلوب إلىٰ ديار المحبوب" ۾ فرمائن ٿا تہ (امام) تلمستاني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "مفاخر" ۾ حضرت قاسم رحمة الله عليه جي روايت سان هي درود شريف نقل ڪيو آهي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَ بَرَكَاتِكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ آلِ مُحَمَّدٍ

كَمَا جَعَلْتَهَا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔
وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ
اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔

(٢٤)

حضرت جبريل عليه السلام هن طرح درود شريف سيکاريو

علامہ ابن بشڪوال رحمة الله عليه "ڪتاب القربة الي ربّ العالمين بالصّلاة علي محمّد سيّد المرسلين صلّي الله عليہ وعلي آلہ وصحبہ أجمعين" ۾ ، حضرت زيد بن امام زين العابدين عليّ بن حسين رضي الله عنهم کان انهن پنهنجي والد حضرت امام زين العابدين کان انهن پنهنجي والد ماجد حضرت امام حسين رضي الله عنه کان انهن پنهنجي والد ماجد حضرت عليّ المرتضي رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم هنن الفاظن کي منهنجي هٿ ۾ ڳڻيو ۽ فرمايائون تہ حضرت جبريل عليه السلام هنن لفظن کي منهنجي هٿ ۾ ڳڻيو. ۽ حضرت جبريل عليه السلام فرمايو تہ اِهي ڪلمات (الفاظ) ربّ العالمين جلّ شانہ جي طرفان ايئن ئي نازل ٿيا آهن اُهي ڪلمات هي آهن:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ
وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى
آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْم اِنَّكَ حَمِيْدٌ

مَّجِيْدٌ • اَللّٰهُمَّ وَتَرَحَّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا تَرَحَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ • اَللّٰهُمَّ وَتَحَنَّنْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا تَحَنَّنْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ • اَللّٰهُمَّ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا سَلَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ •

(٢٥)

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

حافظ سخاوي رحمة الله عليه اُمّ المؤمنين بيبي عائشہ رضي الله عنها جي روايت نقل ڪئي آهي تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو تہ: يارسول الله! توهان اسان کي حڪم فرمايو آهي تہ اسان ڏينهن رات ڪثرت سان توهان تي درود شريف پڙهندا ڪريون. پر اسان کي درود شريف جا اهڙا الفاظ پسند آهن جيڪي توهان کي پسند هجن پوءِ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ • وَارْحَمْ مُحَمَّدًا وَّآلَ مُحَمَّدٍ كَمَا رَحِمْتَ اِبْرَاهِيْمَ وَآلَ اِبْرَاهِيْمَ • وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا

بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ۔

(٢٦)

درود ابراهيمي پڙهڻ جو هڪ ٻيو طريقو

علامه ابن مسدي رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته : أبو كبشه رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عمرو ابن عاص رضي الله تعالى عنهما کان روايت ڪئي آهي ته هڪ شخص رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته: يارسول الله ! ربّ العالمين جلّ شانه اسانکي حکم فرمايوآهي ته توهان تي درود وسلام موڪليون سلام ته اسان موڪليون ٿا ليڪن توهان تي درود شريف ڪيئن موڪليون؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته هيئن چوندا ڪريو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا سَلَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَتَحَنَّنْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا تَحَنَّنْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ۔

(٢٧)

رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شفاعت حاصل ڪرڻ جو درود شريف

امام أحمد بن حنبل رحمة الله عليه ، حضرت بزار رحمة الله عليه ، ابن أبي عاصم رحمة الله عليه ۽ امام طبراني رحمة الله عليه "معجم ڪبير" ۽ "معجم اوسط" ۾ حضرت رويفع بن ثابت

انصاري رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ:
جيڪو شخص هي درود شريف پڙهندو رهي تہ: ان پنهنجي لاءِ منهنجي شفاعت ڪي واجب ڪيو :

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

(٢٨)

ستر هزار ملائڪن سڳورن جي طرفان دعا

امام أبونعيم رحمة الله عليه "حلية الاولياء" ۾، ابن شاهين رحمة الله عليه "ترغيب" ۾ ۽ امام طبراني رحمة الله عليه "معجم ڪبير" ۽ "معجم اوسط" ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ: جيڪو شخص هي درود شريف پڙهندو تہ: ان جي لاءِ ستر هزار فرشتا هزار ڏينهن تائين بخشش جون دعائون گهرندا رهندا.

جَزَى اللهُ تَعَالٰى عَنَّا مُحَمَّدًا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا هُوَ اَهْلُهُ.

(٢٩)

انهيءَ درود شريف پڙهڻ جو ٻيو طريقو

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "جذب القلوب" ۾ هيٺ ڏنل درود شريف ڪي هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي جيڪو احاديث نبوي (عليٰ صاحبها الصلوات والتسليمات) ۾ آيو آهي .

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ الرَّسُوْلِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِىْ آمَنَ بِكَ وَبِكِتَابِكَ وَاَعْطِهِ اَفْضَلَ رَحْمَتِكَ وَاٰتِهِ الشَّرَفَ عَلٰى خَلْقِكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ . وَاجْزِهِ خَيْرَ الْجَزَاءِ . وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ .

(٣٠)

بهترين درود شريف

فردوس ديلمي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي حڪم فرمايو تہ جڏهن توهان درود شريف پڙهو تہ بهترين طريقي سان پڙهندا ڪريو ڇو تہ توهان نہ ٿا ڄاڻو ۽ اميد آهي تہ هن درود شريف کي مون تي پيش ڪيو وڃي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو يارسول الله! اسان کي هن درود شريف جي تعليم ڏيو؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو هيئن پڙهندا ڪريو.

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَرَحْمَتَكَ وَبَرَكَاتِكَ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَاِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَخَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ اِمَامِ الْخَيْرِ وَقَائِدِ الْخَيْرِ وَرَسُوْلِ الرَّحْمَةِ . اَللّٰهُمَّ ابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا يَّغْبِطُهُ فِيْهِ الْاَوَّلُوْنَ وَالْاٰخِرُوْنَ .

امام سخاوي رحمة الله عليه ”القول البديع“ ۾ فرمائي ٿو تہ: امام احمد بن منيع رحمة الله عليه

پنهنجي "مسند" ۾ ۽ امام بغوي رحمة الله عليه پنهنجي "فوائد" ۾ مرفوع سند سان ۽ علامه نميري رحمة الله عليه ۽ ٻين بزرگن حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله تعالیٰ عنهما کان ۽ ابن ابي عاصم رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان هي درود شريف مرفوع سند سان نقل ڪيو آهي ۽ امام ابن أبي عاصم رحمة الله عليه انهيءَ مذڪور درود شريف جي آخر ۾ هنن الفاظن جو اضافو نقل ڪيو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَبْلِغْهُ الْوَسِيْلَةَ وَالدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَةَ مِنَ الْجَنَّةِ . اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ فِي الْمُصْطَفَيْنَ مَحَبَّتَهُ . وَ فِي الْمُقَرَّبِيْنَ مَوَدَّتَهُ . وَفِي الْاَعْلَيْنَ ذِكْرَهُ . وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(٣١)

ناقص درود شريف نه پڙهو

حافظ أبوسعيد نيشاپوري رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "شرف المصطفيٰ" ۾ روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته مون تي دم بريده (يعني اڻ پورو) درود شريف نه پڙهندا ڪريو. اصحابن سڳورن رضي الله عنهم عرض ڪيو ته: يارسول الله ! اڻ پورو درود شريف ڇا آهي؟ ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم فرمايو ته:

اڻ پورو درود هي آهي: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ" چئي خاموش ٿيو بلڪ هيئن (ڪامل) درود شريف پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ۔

(٣٢)

ڪامل درود شريف

حافظ أبوسعيد نيشاپوري رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "شرف المصطفيٰ" ۾ ہي جاءِ تي هڪ بزرگ کان روايت نقل ڪئي آهي تہ: مون حضرت دينار نوبيءَ رحمة الله عليه کي جامع مسجد ۾ ڏٺو ان کان هيئن چوندي ٻڌو تہ مون حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان سوال ڪيو تہ: ڇا توهان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کان معلوم ڪيو هو تہ توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهيو وڃي؟ جنهن کي ڪامل درود شريف چيو وڃي؟ حضرت أنس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو جي ها مون رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کان معلوم ڪيو هو جنهن جي جواب ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ: هيئن پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَنَا اَنْ نُّصَلِّيَ عَلَيْهِ ۔ وَ صَلِّ عَلَيْهِ كَمَا يَنْبَغِيْ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ ۔

(٣٣)

ملائڪن سان آسمان جو ڪنارو ڀرجي ويو

حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ لکن ٿا تہ حضرت زيد بن

ثابت ﷺ كان روايت آهي تہ اسان رسول كريم ﷺ سان گڏ ٻاهرنكتاسين هڪ اهڙي جاءِ پهتاسين جتي سڀ رستا ملن ٿا. هڪ اعرابي (ٻهراڙيءَ جوشخص) آيو ۽ عرض كيائين "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" رسول كريم ﷺ جواب ۾ فرمايو "وَعَلَيْكَ السَّلَامُ" پوءِ رسول كريم ﷺ ان اعرابيءَ كان پڇيو جڏهن تومون كي سلام كيوان وقت توهان ڇا پيا پڙهيو؟ ان اعرابيءَ عرض كيو تہ: يارسول الله ﷺ مون هي الفاظ پي چيا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا تَبْقٰى صَلَاةٌ . اَللّٰهُمَّ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا تَبْقٰى بَرَكَةٌ . اَللّٰهُمَّ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا يَبْقٰى سَلَامٌ . اَللّٰهُمَّ وَارْحَمْ مُحَمَّدًا حَتّٰى لَا تَبْقٰى رَحْمَةٌ .

ان كان پوءِ رسول كريم ﷺ فرمايو تہ: بيشڪ مون فرشتن كي ڏٺو پي انهن درود شريف سان آسمان جي كنارن كي ڀري ڇڏيو آهي.

٣٤

چوڏهين جي چنڊ كان بہ روشن چهرو

حافظ سخاوي رحمة الله عليه هي جاءِ تي لكي ٿو تہ امام ديلمي رحمة الله عليه "فردوس" ۾ ۽ امام طبراني رحمة الله عليه "كتاب الدعا" ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالى عنهما جي روايت نقل كئي آهي تہ: كجھ ماڻهن هڪ شخص كي رسول كريم ﷺ جي خدمت اقدس ۾ آندو ۽ ان تي گواهي ڏنائون تہ هن شخص اسان جي اُٺ (ڏاچي) كي چورايو آهي پوءِ رسول كريم ﷺ ان جي هٿ كٽڻ جوحكم

صادر فرمايو. پوءِ اهو شخص هلندي هي الفاظ (درود شريف) پڙهي رهيو هو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا يَبْقٰى مِنْ صَلَاتِكَ شَيْءٌ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا يَبْقٰى مِنْ بَرَكَاتِكَ شَيْءٌ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى لَا يَبْقٰى مِنْ سَلَامِكَ شَيْءٌ.

ان کان پوءِ اها اُنٺ (ڏاچي) ڳالهائڻ لڳي ۽ عرض ڪيائين ته: يامحمد ﷺ هي شخص مون کي چورائڻ کان بَري آهي (يعني چورنه آهي) . پوءِ رسول ڪريم ﷺ ان شخص کي واپس گهرايو ۽ ان کان پڇيو ته جڏهن تون پٺ ڏئي هلڻ لڳين، تو ڇا تي پڙهيو؟ ان شخص عرض ڪيو ته: مون هي الفاظ (درود شريف جا) پي پڙهيا. رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته: مون انهيءَ جي ڪري فرشتن کي ڏٺو ته انهن مديني شريف جي بازار کي ڀري ڇڏيو هو ايتري قدر جو منهنجي ۽ تنهنجي درميان حائل ٿيا. پوءِ رسول ڪريم ﷺ ان شخص کي فرمايو ته: تون جڏهن قيامت جي ڏينهن پل صراط تي ايندين ته تنهنجو چهرو چوڏهين جي چنڊ کان زياده روشن هوندو.

(٣٥)

رسول ڪريم ﷺ جي زيارت لاءِ درود شريف

علامه أبوالقاسم بستيءَ رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "الدرالمنظم في المولد المعظم" ۾ لکن ٿا ته رسول ڪريم ﷺ کان روايت آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو جيڪو شخص هي درود شريف پڙهندو. ته: اهو شخص مون کي خواب ۾ ڏسندو۽ جيڪوشخص مون کي خواب ۾ ڏسندو، اهو قيامت جي

ڏينهن مون کي ڏسندو ۽ جيڪو شخص مون کي قيامت ۾ ڏسندو، آئون ان جي لاءِ شفاعت ڪندس ۽ جنهن جي مون شفاعت ڪئي اهو شخص منهنجي حوض ڪوثر جو پاڻي پيئندو ۽ الله تعاليٰ ان جي جسم تي دوزخ جي باه حرام ڪري ڇڏيندو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ ۔ وَصَلِّ عَلٰى جَسَدِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَجْسَادِ ۔ وَصَلِّ عَلٰى قَبْرِ مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ ۔

۽ علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمۃ اللہ علیہ "جذب القلوب" ۾ فرمائن ٿا تہ هي درود شريف حرمين شريفين ۾ گهڻي قدر پڙهيو ويندو آهي ۽ اهل حرمين مذڪور درود شريف ۾ هي الفاظ بہ وڌائي پڙهندا آهن:

"وَصَلِّ عَلٰى إِسْمِ مُحَمَّدٍ فِي الْأَسْمَاءِ"

(٣٦)

پريشانين کان ڇوٽڪاري جي دعا ۽ درود شريف

حافظ سخاوي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ لکن ٿا تہ امام ديلمي رحمۃ اللہ علیہ "فردوس" ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن هيءَ دعا سيکاري آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ يَا اَللّٰهُ يَارَحْمٰنُ يَارَحِيْمُ يَاجَارَ الْمُسْتَجِيْرِيْنَ يَااَمَانَ الْخَائِفِيْنَ يَاعِمَادَ مَنْ لَا عِمَادَ لَهٗ، يَا سَنَدَ مَنْ لَا سَنَدَ لَهٗ يَا ذُخْرَ مَنْ لَا ذُخْرَ لَهٗ ۔ يَاحِرْزَ الضُّعَفَاءِ ۔ يَا كَنْزَ الْفُقَرَاءِ ۔ يَا

عَظِيْمَ الرَّجَاءِ ۔ يَا مُنْقِذَ الْهَلْكٰى ۔ يَا مُنْجِيَ الْغَرْقٰى ۔ يَا مُحْسِنُ يَامُجْمِلُ ۔ يَا مُنْعِمُ۔ يَامُفْضِلُ ۔ يَاعَزِيْزُ۔ يَاجَبَّارُ۔ يَامُنِيْرُ ۔ اَنْتَ الَّذِىْ سَجَدَ لَكَ سَوَادُ اللَّيْلِ وَضَوْءُ النَّهَارِ وَشُعَاعُ الشَّمْسِ وَحَفِيْفُ الشَّجَرِ۔ وَدَوِيُّ الْمَاءِ وَنُوْرُالْقَمَرِ۔ يَااَللّٰهُ اَنْتَ اَللّٰهُ لَاشَرِيْكَ لَكَ ۔ اَسْئَلُكَ اَنْ تُصَلِّيَ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ۔

علامہ أبو الفتح مقدسي رحمة الله عليه "كتاب الادعية المستجابات" ۾ ۽ امام حافظ جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه پنهنجي "الاذكار" ۾ انهيءَ روايت ۾ لکيو آهي تہ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالى عنهما فرمائي ٿو تہ: رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايو جيڪو بہ پريشان شخص هيءَ دعا گهرندو الله تعاليٰ انجي پريشاني دور فرمائيندو.

(٣٧)

اهل بيت جي لاءِ دعا ۽ درود شريف

امام ديلمي رحمة الله عليه "الفردوس" ۾ حضرت واثلہ بن أسقع رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: جڏهن رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم حضرت بيبي فاطمہ رضي الله عنها ،حضرت عليّ المرتضي رضي الله عنه ۽ حضرات حسنين ڪريمين رضي الله تعالى عنهما ڪي پنهنجي چادر (مبارڪ) جي هيٺان گڏ ڪيو ان وقت هيءَ دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ قَدْ جَعَلْتَ صَلَوَاتِكَ وَ رَحْمَتَكَ وَ مَغْفِرَتَكَ وَ رِضْوَانَكَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ. اَللّٰهُمَّ فَاجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَرَحْمَتَكَ وَمَغْفِرَتَكَ وَرِضْوَانَكَ عَلَيَّ وَعَلَيْهِمْ.

حضرت واثلہ رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ آئون ان وقت دروازي تي بيٺل هوس، مون عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! مون تي بہ. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو: اي الله! واثلہ تي بہ .

پر جيڪڏهن ڪو شخص برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيءَ درود شريف پڙهي ان کي گهرجي تہ هن جي آخر ۾ (عَلَيَّ وَعَلَيْهِمْ) جي بجائي (عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ) جا لفظ چوي .

٣٨

عجيب ۽ غريب درود شريف

علامہ ابن سبع رحمة الله عليه "الشفا" ۾ ۽ علامہ أبو سعيد رحمة الله عليه ڪتاب "شرف المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" ۾ روايت آندي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت أبوبڪر صديق رضي الله عنه جي وچ ۾ ڪوبہ شخص نہ ويهندو هو. هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو ان کي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجي ۽ حضرت أبو بڪر صديق رضي الله عنه جي وچ ۾ ويهاريو. صحابہ ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم کي تعجب ٿيو جڏهن اهو شخص ٻاهر هليو ويو تہ: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو هي شخص مون تي هي درود شريف پڙهندو رهندو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ.

٣٩

رسول كريم ﷺ جي شفاعت حاصل ڪرڻ جو درود شريف

حافظ سخاوي رحمة الله عليه "القول البديع" ۾ فرمائي ٿو ته امام ابن أبي عاصم رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب ۾ روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته: جيڪو شخص ستن جمعن تائين هي درود شريف هر جمعي تي ست مرتبا پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي .

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ صَلَاةً تَكُوْنُ لَكَ رِضًى وَّلِحَقِّهٖ اَدَاءً وَّاَعْطِهِ الْوَسِيْلَةَ وَالْمَقَامَ الَّذِىْ وَعَدْتَّهٗ وَاجْزِهٖ عَنَّا مَا هُوَ اَهْلُهٗ. وَاجْزِهٖ عَنَّا اَفْضَلَ مَاجَزَيْتَ نَبِيًّا عَنْ اُمَّتِهٖ وَصَلِّ عَلٰى جَمِيْعِ اِخْوَانِهٖ مِنَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِيْنَ. يَااَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ.

٤٠

صدقي جي برابر درود شريف

امام ابن حبان رحمة الله عليه پنهنجي "صحيح" ۾، امام أبويعليٰ موصلي رحمة الله عليه پنهنجي "مسند" ۾ ۽ امام بيهقي رحمة الله عليه پنهنجي "ڪتاب الادب" ۾ ۽ ٻين محدثن حضرت أبوسعيد خدريءَ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته: جنهن مسلمان وٽ الله تعاليٰ جي راهه ۾ صدقي (خيرات)

ڪرڻ جي لاءِ ڪا بہ شيءِ نہ هجي اهو شخص هي درود شريف پڙهندو ڪري اهو درود شريف ان جي لاءِ زڪواة جي قائم مقام هوندو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ۔

(٤١)

فرض نماز ڪان بعد درود شريف جي فضيلت

امام طبراني رحمة الله عليه "المعجم الڪبير" ۾ حضرت أبو أمامہ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو تہ: جيڪو شخص هر فرض نماز ڪان بعد هي درود شريف پڙهندو تہ: انجي لاءِ قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حلال ٿي ويندي .

اَللّٰهُمَّ اَعْطِ مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ وَاجْعَلْ فِي الْمُصْطَفَيْنَ مَحَبَّتَهُ وَفِي الْعَالِيْنَ دَرَجَتَهُ وَفِي الْمُقَرَّبِيْنَ دَارَهُ۔

(٤٢)

اذان ڪان بعد درود شريف جي فضيلت

علامہ ابن وهب رحمة الله عليه پنهنجي "الجامع" ۾ ، حضرت جابر بن عبدالله رضي تعالي عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص اذان ٻڌي ڪري پوءِ هي درود شريف پڙهندو رهي تہ: انجي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلَاةِ الْقَائِمَةِ. صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ. وَاَعْطِهِ الْوَسِيْلَةَ وَالشَّفَاعَةَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

(٤٣)

اذان کان بعد درود شريف ۽ دعاء

امام احمد بن حنبل رحمه الله پنهنجي "مسند" ۾ ۽ امام ابن السنّي رحمه الله "عمل اليوم والليلة" ۾ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته: جيڪو شخص مؤذن جي اذان جي وقت هي درود شريف پڙهي الله تعاليٰ انجي دعا قبول فرمائيندو:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلَاةِ الْقَائِمَةِ. صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّارْضَ عَنْهُ رِضًى لَّا سَخَطَ بَعْدَهُ.

(٤٤)

درود شفاعت

امام طبراني رحمه الله "المعجم الڪبير" ۾ حضرت ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص اذان ٻڌي هيءُ دعا پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي:

اَشْهَدُ اَنْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ

وَرَسُوْلُهُ • اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّبَلِّغْهُ دَرَجَةَ الْوَسِيْلَةِ عِنْدَكَ وَاجْعَلْنَا فِيْ شَفَاعَتِهٖ يَوْمَ الْقِيَامَةِ •

٤٥

اذان کان بعد دعاء

امام طبراني رحمة الله عليه "كتاب الدعاء" ۾ ۽ امام ابن أبي عاصم رحمة الله عليه حضرت أبوالدرداء رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جڏهن مؤذن جي اذان ٻڌندا هئا بعد ۾ هيءُ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلَاةِ الْقَآئِمَةِ • صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاٰتِهٖ سُؤْلَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ •

٤٦

دعاء قنوت کان بعد درود شريف

امام نسائي رحمة الله عليه پنهنجي "سنن" ۾ حضرت امام حسن بن علي رضي الله تعالى عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم مون کي دعاء قنوت سيکاري ان دعاء کان پوءِ حضرت امام حسن رضي الله عنه هيءُ درود شريف پڙهندو هو

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ مُحَمَّدٍ وَّسَلَّمَ •

٤٧

مسجد شريف ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ وقت درود شريف

امام ابن السنّي رحمه الله "عمل اليوم والليلة" ۾ حضرت أنس بن مالڪ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جڏهن به مسجد شريف ۾ داخل ٿيندا هئا ته هيئن چوندا هئا ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرندا هئا ته به اهي ئي الفاظ چوندا هئا: بِسْمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ۔

(٤٨)

اسي سالن جا گناهه معاف

علامہ خطيب بغدادي رحمه الله حضرت أنس بن مالڪ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي اسي (٨٠) مرتبا درود شريف پڙهندو ته الله تعاليٰ انجا اسي (٨٠) سالن جا گناهه معاف فرمائيندو. عرض ڪيو ويو ته: يارسول الله ! توهان تي درود شريف ڪيئن پڙهيو وڃي؟ پاڻ فرمايائون ته هيئن پڙهجي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ نَبِيِّكَ وَ رَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى آلِهٖ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا۔

(٤٩)

وقوف عرفات جي وقت درود شريف

حضرت أبو يوسف جصاص رحمه الله پنهنجي "الفوائد" ۾ حضرت عليّ بن ابي طالب رضي الله عنه ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم اها دعاء ذڪر ڪئي جيڪا وقوف عرفات جي وقت پڙهي وڃي ٿي ان ۾ هي

درود شريف مذكور آهي:

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى وَمَلٰئِكَتُهُ عَلَى النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ . وَ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه.

(٥٠)

سمهڻ وقت دعاء ۽ سلام

ابو شيخ ديلمي رحمة الله عليه "مسندالفردوس" ۾ حضرت أبو قرصافه رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته مون رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کان ٻڌو جيڪو شخص سمهڻ جي لاءِ پنهنجي بستري تي اچي ته سورة ﴿تَبَارَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ﴾ پڙهي پوءِ چار مرتبا هي الفاظ چوي.

اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْحِلِّ وَالْحَرَامِ وَ رَبَّ الْبَلَدِ الْحَرَامِ وَ رَبَّ الرُّكْنِ وَالْمَقَامِ وَ رَبَّ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ بِحَقِّ كُلِّ آيَةٍ أَنْزَلْتَهَا فِىْ شَهْرِ رَمَضَانَ . بَلِّغْ رُوْحَ مُحَمَّدٍ مِّنِّىْ تَحِيَّةً وَّسَلَامًا .

انجي چار مرتبا پڙهڻ تي الله تعاليٰ ٻه فرشتا مقرر فرمائيندو جيڪي مون جي خدمت ۾ اچي ڪري چوندا ته يارسول الله صلي الله عليه وسلم فلاڻو پٽ فلاڻي جو توهان کي "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ" چوي ٿو پوءِ آئون چوندس ته فلاڻي پٽ فلاڻي کي منهنجي طرفان ٻه سلام ۽ الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن:

(٥١)

ڇڪ اچڻ وقت درود شريف جو ثواب

حافظ ابن بشكوال رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته جنهن شخص ڪي چڪ اچي ۽ اهو هيءَ دعاء (۽ درود شريف) پڙهي :

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ • وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اَهْلِ بَيْتِهٖ •

ته الله تعاليٰ (انجي چوڻ تي) هڪ پکي پيدا فرمائيندو جيڪو عرش معليٰ جي هيٺ پنهنجي پرن کي حرڪت ڏيندو ۽ عرض ڪندو ته ياالله ! هنن لفظن جي چوڻ واري جي مغفرت فرمائي.

(٥٢)

درود سان حريم ناز تائين پردا کوليا وڃن ٿا

فقيه صالح عمر بن سعيد رحمة الله عليه کان روايت نقل آهي ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو جيڪو شخص روزانو ٽيٽيهه (٣٣) مرتبا هي درود شريف پڙهندو ته الله تعاليٰ ان شخص جي قبر ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حريم ناز (قبر انور) جي درميان پردا کولي ڇڏيندو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلَاةً تَكُوْنُ لَكَ رِضًى وَّلِحَقِّهٖ اَدَاءً •

(٥٣)

رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زيارت جو درود شريف

حضرت أبو موسيٰ مديني رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته: جيڪو مؤمن جمعي جي رات ٻه رڪعتون نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورة فاتحه

(الحمد شريف) کان پوءِ پنجويھ (٢٥) مرتبا سورة اخلاص ﴿قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ پڙهي نماز کان پوءِ هڪ هزار مرتبا هي درود شريف پڙهي ته ايندڙ جمعي کان اڳ ان شخص کي منهنجي خواب ۾ زيارت نصيب ٿيندي ۽ جنهن کي منهنجي زيارت ٿئي الله تعاليٰ ان جي گناهن کي بخش فرمائيندو:


صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ۔

(٥٤)

جنت ۾ پنهنجي جاءِ ڏسڻ جو درود شريف

حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه انهيءَ رسالي جي حاشيه ۾ حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه جي ڪتاب "جذب القلوب" مان نقل ڪيو آهي ته حديث شريف ۾ آيو آهي ته: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن هڪ هزار مرتبا هيءُ درود شريف پڙهندو جيستائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نه ڏسندو ان کي موت نه ايندو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ اَلْفَ اَلْفِ مَرَّةٍ۔



إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا

فصل پهرين جو خاتمو

درود شريف جي انهن روايتن جي بيان ۾
جن تي بعض محدثن موضوع جو حڪم
لڳايو آهي اُهي ڪل ٽي (٣) آهن

٥٥

حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي رفاقت

(١) حضرت أبوموسيٰ مدينيءَ رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالى عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو: جيڪوشخص جمعي جي رات ڏھ مرتباهي درود شريف پڙهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ لک نيڪيون لکندو ۽ هڪ لک گناه معاف فرمائيندو ۽ ان جاهڪ لک درجا بلند فرمائيندوپوءِجڏهن قيامت جوڏينهن ٿيندوتہ اهوشخص حضرت ابراهيم(عليٰ نبيّناوعليہ السّلام) سان انجي قبي ۾ هوندو. درود شريف هي آهي:

يَادَائِمَ الْفَضْلِ عَلَى الْبَرِيَّةِ • يَابَاسِطَ الْيَدَيْنِ بِالْعَطِيَّةِ يَاصَاحِبَ الْمَوَاهِبِ السَّنِيَّةِ • صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ خَيْرِالْوَرٰى بَالسَّجِيَّةِ وَاغْفِرْلَنَا يَاذَا الْعُلٰى فِيْ هٰذِهِ الْعَشِيَّةِ •

٥٦

رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم هٿ وٺي جنت ۾ داخل فرمائيندو

(٢) حضرت أبوموسيٰ مدينيءَ رحمة الله عليه حضرت عليّ المرتضيٰ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: جيڪو شخص هيٺ ڏنل درود شريف روزانو ٽي مرتبا ۽ جمعي جي ڏينهن سؤ (١٠٠) مرتبا پڙهندو رهي ان تي پوري مخلوق رحمتون موڪلي ٿي ۽ قيامت جي ڏينهن ان جوحشر رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جماعت ۾ ٿيندو ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ان جو هٿ وٺي ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو:

صَلَوَاتُ اللهِ وَ مَلَائِكَتِهٖ وَ اَنْبِيَائِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَجَمِيْعِ خَلْقِهٖ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ. وَّعَلَيْهِ وَ عَلَيْهِمُ السَّلَامُ وَ رَحْمَةُ اللهِ وَ بَرَكَاتُهٗ.

(٥٧)

اهڙو درود جنهن جي پڙهڻ جي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه به خواهش رکي

(٣) علامہ أبوالفرج رحمة الله عليه "ڪتاب المطرب" ۾ حضرت أبوالحسن بڪري رحمة الله عليه، حضرت عمارة بن زيد مدني رحمة الله عليه ۽ حضرت محمّد بن اسحاق رحمة الله عليه جي روايت نقل ڪئي آهي ته: هڪ مرتبہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم مسجد شريف ۾ تشريف فرما هئا ايتري ۾ هڪ اعرابي (ٻهراڙي جي) شخص ڪي پنهنجي ۽ حضرت أبوبڪر صديق رضي الله عنه جي درميان ۾ ويهاريو پوءِ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته جبريل عليه السلام مون کي هن اعرابيءَ جي باري ۾ فرمايو آهي ته هي اعرابي مون تي اهڙو درود شريف پڙهندو آهي جيڪو هن کان اڳ ڪنهن به پيش نہ ڪيو آهي حضرت أبوبڪر رضي الله عنه عرض ڪيو يارسول الله ! اهو ڪهڙي طرح درود شريف پڙهندو آهي؟ تان ته آئون به پڙهان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو اي ابوبڪر! اهو هي درود شريف پڙهندو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَوَّلِيْنَ وَ فِي الْاٰخِرِيْنَ وَفِي الْمَلَاءِ الْاَعْلٰى اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ.

فصل پيو

درود شريف جي انهن (الفاظن) ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي رسول ڪريم ﷺ خواب ۾ تلقين فرمايا يا خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيا ويا انهن جو تعداد اَٺ (٨) آهي

(٥٨)

الهامي درود شريف ۽ رسول ڪريم ﷺ جو مُرڪڻ

(١) حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ فرمائين ٿا ته امام طبراني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "الدعاء" ۾ ذڪر ڪيو آهي ته مون خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت ڪئي ۽ مون رسول ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ هن طرح سلام عرض ڪيو اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ پوءِ مون خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته: يارسول الله مون کي الله تعاليٰ چند ڪلمات الهام فرمايا آهن، ڇا آئون اهي پڙهندو ڪريان؟ رسول ڪريم ﷺ فرمايو اهي ڪهڙا ڪلمات آهن؟ مون عرض ڪيو اُهي هيءَ ڪلمات آهن:

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ بِعَدَدِ مَنْ حَمِدَكَ . وَلَكَ الْحَمْدُ بِعَدَدِ مَنْ لَّمْ يَحْمَدْكَ . وَلَكَ الْحَمْدُ كَمَا تُحِبُّ اَنْ تُحْمَدَ . اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ مَنْ صَلّٰى عَلَيْهِ . وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ مَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَيْهِ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ اَنْ يُصَلّٰى عَلَيْهِ .

پوءِ رسول ڪريم ﷺ مُرڪيا ايتري قدر جو پاڻ ڪريمن ﷺ جا ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا ۽ مون ڏٺو ته: رسول ڪريم ﷺ جي ڏندن مبارڪن جي درميان جيڪو فاصلو هو ان مان نور ظاهر ٿي رهيو هو.

(٥٩)

خواب ۾ درود شريف پڙهڻ

(۲) علامہ فاڪهاني مالڪي رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ مون کي درود شريف جا هي الفاظ بطور الهام حاصل ٿيا پوءِ علمائن جي هڪ جماعت اهي الفاظ مون کان لکرائي ياد ڪيا ڪجھ عرصي کان بعد مون کي هڏايو ويو تہ اسان جي مالڪي مذهب جي بعض طالبن خواب ۾ ڏٺو تہ اهو منبر رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم تي انهن لفظن سان درود شريف پيش ڪري رهيو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ اَشْرَقَتْ بِنُوْرِهِ الظُّلَمُ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْمَبْعُوْثِ رَحْمَةً لِكُلِّ الْاُمَمِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْمُخْتَارِ لِلسِّيَادَةِ وَالرِّسَالَةِ قَبْلَ خَلْقِ الرُّوْحِ وَالْقَلَمِ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْمَوْصُوْفِ بِاَفْضَلِ الْاَخْلَاقِ وَالشِّيَمِ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْمَخْصُوْصِ بِجَوَامِعِ الْكَلِمِ وَخَوَآصِّ الْحِكَمِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ كَانَ لَاتُنْتَهَكُ فِىْ مَجْلِسِهِ الْحُرُمُ وَلَايَقْضِىْ عَمَّنْ ظَلَمَ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ كَانَ اِذَا مَشٰى تُظَلِّلُهُ الْغَمَامَةُ حَيْثُ مَايَمَّمَ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ انْشَقَّ لَهُ الْقَمَرُ وَكَلَّمَهُ الْحَجَرُ وَاَقَرَّ بِرِسَالَتِهِ وَصَمَّمَ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ

أَثْنٰى عَلَيْهِ رَبُّ الْعِزَّةِ نَصًّا فِيْ سَائِرِ الْقِدَمِ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِيْ صَلّٰى رَبُّنَا فِيْ مُحْكَمِ كِتَابِهٖ وأَمَرَ أَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ وَيُسَلَّمَ۔ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَزْوَاجِهٖ مَاانْهَكَّتِ الدِّيَمُ۔ وَمَاجُرَّتْ عَلَى الْمُذْنِبِيْنَ اَذْيَالُ الْكَرَمِ وَسَلَّمَ تَسْلِيْمًا وَّشَرَّفَ وَكَرَّمَ۔

(٦٠)

هڪ درود ڏهن هزارن درودن جي برابر

(٣) حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ مشهور قصي جي طرف اشارو ڪيو آهي جنهن کي شيخ ابن حجر مکي رحمة الله عليه هن طرح ذڪر ڪيو آهي تہ: هڪ بزرگ (الله وارو) جيڪو هررات ڏهہ هزار مرتبا درود شريف پنهنجي معمول جي مطابق پڙهندو هو هڪ مرتبا اهو بزرگ بيمار ٿيو ۽ پنهنجي معمول مطابق ڏهہ هزار مرتبا درود شريف پڙهي نہ سگهيو ان کي سخت تشويش ۽ پريشاني لاحق ٿئي هڪ رات خواب ۾ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي زيارت نصيب ٿئي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ان کي فرمايو تہ: هي درود شريف هڪ مرتبا پڙهندا ڪريو جيڪو ڏهہ هزار مرتبا درود شريف جي برابر آهي جڏهن اهو بزرگ بيدار ٿيو تہ هي درود شريف ان کي ياد هيو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ السَّابِقِ لِلْخَلْقِ نُوْرُهٗ۔ وَالرَّحْمَةِ

لِلْعَالَمِيْنَ ظُهُوْرُهُ. عَدَدَ مَنْ مَّضٰى مِنْ خَلْقِكَ وَمَنْ بَقِيَ . وَمَنْ سَعِدَ مِنْهُمْ وَمَنْ شَقِيَ. صَلَاةً تَسْتَغْرِقُ الْعَدَّ وَتُحِيْطُ بِالْحَدِّ صَلَاةً لَّاغَايَةَ لَهَا وَلَا انْتِهَاءَ وَلَاأَمَدَ لَهَا وَلَاانْقِضَاءَ . صَلَاةً دَائِمَةً بِدَوَامِكَ. وَعَلٰى آلِهٖ وَصَحْبِهٖ كَذٰلِكَ . وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذٰلِكَ

(٦١)

رسول ڪريم ﷺ جي زيارت ۾ مليل افضل درود شريف

(٤) علامہ ڪمال الدين دميري رحمة الله عليه "شرح منهاج" ۾ شيخ أبو عبدالله بن نعمان رحمة الله عليه کان نقل ڪيو آهي اهي فرمائين ٿا تہ: مون کي سو مرتبہ خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿي آخري مرتبي مون پاڻ ڪريمن ﷺ کان پڇيو يارسول الله ! ڪهڙو درود شريف توهان تي پڙهڻ افضل آهي؟ رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ: هيءُ درود شريف پڙهندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِيْ مَلَأْتَ قَلْبَهُ مِنْ جَلَالِكَ وَعَيْنَيْهِ مِنْ جَمَالِكَ فَأَصْبَحَ فَرِحًا مَّسْرُوْرًا مُّؤَيَّدًا مَّنْصُوْرًا.

(٦٢)

محتاجي ۽ مسڪيني کان ڇوٽڪاري جو درود ۽ دعاء

(٥) علامہ أبو عبدالله قسطلاني رحمة الله عليه نقل ڪيو آهي تہ مون کي خواب ۾ سرور ڪائنات ﷺ جي زيارت نصيب ٿي مون رسول ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پنهنجي محتاجي ۽ مسڪيني جي شڪايت ڪئي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ: هي

درود شريف پڙهندو ڪر:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ ۔ وَّهَبْ لَنَا اللّٰهُمَّ مِنْ رِزْقِكَ الْحَلَالِ الطَّيِّبِ الْمُبَارَكِ مَاتَصُوْنَ بِهٖ وُجُوْهَنَا عَنِ التَّعَرُّضِ اِلٰى اَحَدٍ مِّنْ خَلْقِكَ ۔ وَاجْعَلْ لَنَا اللّٰهُمَّ اِلَيْهِ طَرِيْقًا سَهْلًا مِّنْ غَيْرِ تَعَبٍ وَّلَا نَصَبٍ وَّلَامِنَّةٍ وَّلَاتَبِعَةٍ ۔ وَّجَنِّبْنَا اللّٰهُمَّ الْحَرَامَ حَيْثُ كَانَ وَاَيْنَ كَانَ وَعِنْدَ مَنْ كَانَ ۔ وَحُلْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ أَهْلِهٖ ۔ وَاقْبِضْ عَنَّا اَيْدِيَهُمْ وَاصْرِفْ عَنَّا قُلُوْبَهُمْ ۔ حَتّٰى لَانَتَقَلَّبَ اِلَّا فِيْمَا يُرْضِيْكَ وَلَانَسْتَعِيْنُ بِنِعْمَتِكَ اِلَّا عَلٰى مَاتُحِبُّ ۔ بِرَحْمَتِكَ يَااَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۔

(٦٣)

رسول ڪريم ﷺ جي طرفان سلام

(٦) علامه شيرويه رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته: مون شيخ عبدالله مڪيءَ رحمة الله عليه کان ٻڌو اهو فرمائي ٿو ته: مون أبوالفضل بن زيرڪ قومساني رحمة الله عليه کان ٻڌو انهن فرمايو ته: ملڪ خراسان کان مون وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو ته مون کي رسول ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿي ان وقت آئون مسجد نبوي ۾ هئس رسول ڪريم ﷺ فرمايو ته: جڏهن توهان پنهنجي ملڪ واپس وڃو ته أبوالفضل بن زيرڪ کي اسان جا سلام چئجو. أبوالفضل چوي ٿو ته: مون ان شخص کي

چيوتہ: اي قاصد رسول ﷺ جا چاتوهان کي اها ڳالھ معلوم آهي تہ: رسول ڪريم ﷺ جي دربار اقدس ۾ ايتري وڏي رتبي جو سبب ڪهڙي شيءِ آهي ان قاصد چيو تہ رسول ڪريم ﷺ مون کي فرمايو تہ أبوالفضل روزانو اسان تي سو مرتبا يا ان کان بہ زياده درود شريف پيش ڪندو آهي پوءِ انهيءَ شخص مون کي چيوتہ: جيڪو درود شريف توهان رسول ڪريم ﷺ تي پڙهندا آهيو ان کي بيان ڪريو؟ مون چيو آئون هي درود شريف پڙهندو آهيان:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ. جَزَى اللّٰهُ تَعَالٰى مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنَّا مَاهُوَ اَهْلُهُ.

پوءِ ان قاصد هي درود شريف مون کان ياد ڪيو ۽ قسم کڻي چيائين تہ رسول ڪريم ﷺ جي هن پيغام کان اڳ نہ آئون توهان کي سڃاڻدو هئس ۽ نہ توهان جي نالي کان واقف هئس حضرت أبوالفضل چوي ٿو تہ: مون ان شخص جي خدمت ۾ ڪجھ دنيوي تحفا پيش ڪيا مگر ان قبول نہ ڪيا ۽ اهو شخص غائب ٿي ويو ان کان پوءِ انهيءَ شخص کي مون ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ڏٺو.

(٦٤)

درود تنجينا

(٧) علامہ فاڪهاني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "فجرمنير" ۾ لکن ٿا تہ: مون کي حضرت شيخ صالح موسيٰ ضرير رحمة الله عليه ٻڌايو تہ: هڪ دفعي آئون سمنڊ ۾ ٻيڙي تي سوار هوس پوءِ اهڙي سخت هوا لڳي جنهن سان ٻڏڻ جوانديشو هيو انهيءَ حالت ۾ آئون اوجهريوس انهيءَ دوران خواب ۾ حضور سروركائنات

ﷺ جي زيارت نصيب ٿي رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته: ٻيڙي ۾ سين سوارن کي چئو ته هڪ هزار مرتبا هي درود شريف پڙهن:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلٰوةً تُنْجِيْنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ الْاَهْوَالِ وَالْاٰفَاتِ ۔ وَتَقْضِيْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ الْحَاجَاتِ ۔ وَتُطَهِّرُنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ السَّيِّئَاتِ ۔ وَتَرْفَعُنَا بِهَا عِنْدَكَ اَعْلَى الدَّرَجَاتِ ۔ وَتُبَلِّغُنَا بِهَا اَقْصَى الْغَايَاتِ مِنْ جَمِيْعِ الْخَيْرَاتِ فِي الْحَيَاتِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۔

- حضرت موسيٰ ضرير رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته آئون سجاڳ تيس ٻيڙي ۾ سين کي هن مبارڪ خواب جي خبر ڏنم پوءِ سيني اهو درود شريف پڙهڻ شروع ڪيو اڃا ٽي سؤ (۳۰۰) دفعا مس پڙهيوسين ته الله تعاليٰ جلّ شانه اسانجي مشڪل دور فرمائي ڇڏي ۽ هن درود شريف جي برڪت سان تيز طوفان رڪجي ويو ۽ ٻيڙو صحيح سلامت پار ٿيو.
- حضرت شيخ مجدالدين فيروز آبادي رحمة الله عليه به هن درود شريف کي پنهنجي ڪتاب "الصلات والبشر في الصلاة عليٰ سيد البشر" ۾ نقل ڪيو آهي ۽ اهو به لکيو آهي ته حضرت شيخ حسن بن علي اسوائي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته: اڄ به ڪنهن مشڪل، آفت ۽ مصيبت ۾ هن درود شريف کي هزار مرتبا پڙهيو وڃي ته الله تعاليٰ جلّ شانه ان جي مشڪل کي حل فرمائيندو ۽ مصيبت کي ٽاري ڇڏيندو.

٦٥

وباء جي بيماري کي پڄائڻ جو درود شريف

٨ حضرت شيخ شهاب الدين ابن حجله حنفي رحمة الله عليه لکي ٿو ته: هڪ صالح بزرگ شخص فرمايو ته: جڏهن اسان جي محلي ۾ طاعون (وبا) جي بيماري پکڙي ته مونکي خواب ۾ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي زيارت نصيب ٿي مون خدمت اقدس ۾ طاعون (وبا) جي شڪايت ڪئي، رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن حڪم فرمايو ته هيءَ دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُ بِكَ مِنَ الطَّعْنِ وَالطَّاعُوْنِ • وَعَظِيْمِ الْبَلَاءِ فِي النَّفْسِ وَالْمَالِ وَالْاَهْلِ وَالْوَلَدِ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • مِمَّا نَخَافُ وَنَحْذَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • عَدَدَ ذُنُوْبِنَا حَتّٰى تُغْفَرَ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلَّمَ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُ اَكْبَرُ • اَللّٰهُمَّ كَمَا شَفَّعْتَ نَبِيَّكَ فِيْنَا فَاَمْهِلْنَا، وَعَمَّرْتَ بِنَا مَنَازِلَنَا فَلَا تُهْلِكْنَا بِذُنُوْبِنَا • يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ •



فصل ٽيون

درود شريف جي انهن (الفاظ) ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي اصحابن سڳورن ۽ تابعين ﷺ جي ڪلام کان منقول آهن

هي فصل ڀن قسمن تي شامل آهي

پهريون قسم

انهن (الفاظن) ڪيفيتن جي باري ۾ جيڪي اصحابن سڳورن ﷺ کان منقول آهن ۽ اهي ڪل تيرنهن (١٣) آهن.

(٦٦)

حضرت عليّ رضي الله عنه جو درود شريف

(١) امام طبراني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب ”معجم“ ۾، شيخ سلام ڪِندي رحمة الله عليه جي روايت نقل ڪئي آهي ته حضرت علي بن أبي طالب رضي الله عنه ماڻهن کي هن درود شريف پڙهڻ جي تعليم ڏيندا هئا:

اَللّٰهُمَّ دَاحِيَ الْمَدْحُوَّاتِ وَبَارِئَ الْمَسْمُوْكَاتِ وَجَبَّارَ الْقُلُوبِ عَلٰى فِطْرَتِهَا شَقِيِّهَا وَسَعِيْدِهَا. اِجْعَلْ شَرَائِفَ صَلَوَاتِكَ وَنَوَامِيَ بَرَكَاتِكَ وَرَأْفَةَ تَحَنُّنِكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ الْخَاتِمِ لِمَا سَبَقَ. وَالْفَاتِحِ لِمَا أُغْلِقَ. وَالْمُعْلِنِ الْحَقَّ بِالْحَقِّ وَالدَّامِغِ لِجَيْشَاتِ الْاَبَاطِيْلِ. كَمَا حُمِّلَ فَاضْطَلَعَ بِأَمْرِكَ بِطَاعَتِكَ مُسْتَوفِزًا فِيْ مَرْضَاتِكَ بِغَيْرِ نَكَلٍ عَنْ قَدَمٍ. وَّلَا وَهْنٍ فِيْ عَزْمٍ وَاعِيًا لِّوَحْيِكَ حَافِظًا لِّعَهْدِكَ. مَاضِيًا عَلٰى نِفَاذِ اَمْرِكَ. حَتّٰى اَوْرٰى قَبَسًا لِقَابِسٍ. آلَاءُ اللّٰهِ تَصِلُ بِأَهْلِهِ اَسْبَابُهُ. بِهٖ هُدِيَتِ الْقُلُوْبُ بَعْدَ خَوْضَاتِ الْفِتَنِ وَالْاِثْمِ. وَاَنْهَجَ مُوْضِحَاتِ

اَلْاَعْلَامِ وَمُنِيْرَاتِ الْاِسْلَامِ وَنَائِرَاتِ الْاَحْكَامِ ۔ فَهُوَ اَمِيْنُكَ الْمَامُوْنُ۔ وَخَازِنُ عِلْمِكَ الْمَخْزُوْنِ ۔ وَشَهِيْدُكَ يَوْمَ الدِّيْنِ وَبَعِيْثُكَ نِعْمَةً ۔ وَّرَسُوْلُكَ بِالْحَقِّ رَحْمَةً ۔ اَللّٰهُمَّ افْسَحْ لَهُ مَفْسَحًا فِيْ عَدْنِكَ ۔ وَاجْزِهٖ مُضَاعَفَاتِ الْخَيْرِ مِنْ فَضْلِكَ مُهَنَّئَاتٍ لَّهُ غَيْرَ مُكَدَّرَاتٍ ۔ مِّنْ فَوْزِ ثَوَابِكَ الْمَضْنُوْنِ۔ وَجَزِيْلِ عَطَائِكَ الْمَعْلُوْلِ۔ اَللّٰهُمَّ اَعْلِ عَلٰى بِنَاءِ الْبَانِيْنَ بِنَاءَهٗ۔ وَاَكْرِمْ مَثْوَاهُ لَدَيْكَ وَنُزُلَهٗ ۔ وَاَتْمِمْ نُوْرَهٗ ۔ وَاجْزِهٖ مِنِ انْبِعَاثِكَ لَهٗ مَقْبُوْلَ الشَّهَادَةِ ۔ مَرْضِيَّ الْمَقَالَةِ ۔ ذَا مَنْطِقٍ عَدْلٍ وَّخُطَّةٍ فَصْلٍ وَّحُجَّةٍ وَّبُرْهَانٍ عَظِيْمٍ ۔

هن درود شريف کي حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب ”القول البديع“ ۾ ۽ علامه قسطلاني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب ”مواهب اللدنيه“ ۾ ۽ حافظ جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه ”الاذڪار“ ۾ اهڙي طرح ذڪر ڪيو آهي.

۽ علامه ابن عبدالبرّ رحمة الله عليه انهيءَ درود شريف جي آخر ۾ هنن لفظن جو اضافو فرمايو آهي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنَا سَامِعِيْنَ مُطِيْعِيْنَ ۔ وَاَوْلِيَاءَ مُخْلِصِيْنَ ۔ وَرُفَقَاءَ مُصَاحِبِيْنَ۔ اَللّٰهُمَّ اَبْلِغْهُ مِنَّا السَّلَامَ ۔ وَارْدُدْ عَلَيْنَا مِنْهُ

السَّلَامُ.

(٦٧)

حضرت عليءَ ؓ جو پيو درود شريف

(٢) حافظ سخاوي ؒ پنهنجي كتاب "القول البديع" ۾ لکيو آهي ته: "الشفاء" واري روايت نقل كئي آهي ته حضرت عليءَ المرتضيٰ ؓ جڏهن هيءَ آيت مبارك تلاوت كندو هو:

﴿إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ ۚ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا﴾

ته ان كان پوءِ هي درود شريف پڙهندو هو:

لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ رَبِّيْ وَسَعْدَيْكَ. صَلَوَاتُ اللهِ الْبَرِّ الرَّحِيْمِ وَالْمَلَائِكَةِ الْمُقَرَّبِيْنَ وَالنَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِيْنَ ۔ وَمَا سَبَّحَ لَكَ مِنْ شَيْءٍ يَارَبَّ الْعَالَمِيْنَ عَلٰى مُحَمَّدِ ابْنِ عَبْدِ اللهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ وَسَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَإِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَرَسُوْلِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الشَّاهِدِ الْبَشِيْرِ. الدَّاعِيْ إِلَيْكَ بِإِذْنِكَ السِّرَاجِ الْمُنِيْرِ. وَعَلَيْهِ السَّلَامُ.

(٦٨)

حضرت عبدالله بن عباس جو درود شريف

(٣) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالى عنهما كان روايت آهي تہ جڏهن هو رسول كريم ﷺ تي درود شريف موكليندو هو تہ هن طرح چوندو هو:

اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ شَفَاعَةَ مُحَمَّدٍ الْكُبْرٰى وَارْفَعْ دَرَجَتَهُ الْعُلْيَا وَاَعْطِهٖ سُؤْلَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى. كَمَآ اٰتَيْتَ اِبْرَاهِيْمَ وَمُوْسٰى.

(٦٩)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جو درود شريف

(۴) ابن ماجہ رحمة الله عليه پنهنجي "سنن" ۾ سند موقوف سان حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه كان اهو درود شريف روايت كيو آهي جيكو فصل اوّل جي ٽيهين (٣٠) نمبر تي گذريو آهي.

(٧٠)

هڪ صحابي سڳوري جو درود شريف

(٥) امام عبدالرزاق رحمة الله عليه پنهنجي "جامع" ۾ ابن طاؤس رحمة الله عليه جي سند سان ابوبكر محمّد بن عمرو حزم رحمة الله عليه جي روايت نقل كئي آهي ۽ ان هڪ صحابيءَ سڳوري رضي الله عنه كان روايت كئي آهي تہ: اهو هيءُ درود شريف پڙهندو هو. علامہ ابن طاؤس رحمة الله عليه هن درود شريف كي ذكر كري فرمايو تہ منهنجو والد گرامي بہ اهو درود شريف پڙهندو هو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَهْلِ بَيْتِهٖ وَعَلٰى اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَاٰلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ. وَبَارِكْ

عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَهْلِ بَيْتِهٖ وَعَلٰى اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ•

(٧١)

اصحابن ۽ تابعين ڪرام جو درود شريف

(٦) حضرت اسماعيل قاضي رحمة الله عليه ، حضرت يزيد بن عبدالله رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ صحابہ ڪرام ۽ تابعين ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم هنن لفظن سان درود شريف پڙهڻ پسند فرمائيندا هئا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ عَلَيْهِ السَّلَامُ•

جمعي جي ڏينهن وارو درود شريف

حضرت أبوالقاسم تيمي رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه حضرت زيد بن وهب کي فرمايو تہ: اي زيد ! جمعي جي ڏينهن هڪ هزار (١٠٠٠) مرتبا درود شريف هيئن پڙهندو ڪر:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ•

(٧٢)

حضرت عليّ رضي الله عنه جو التحيات ۾ درود شريف

(٧) حضرت قاضي عياض رحمة الله عليه "ڪتاب الشفاء" ۾ حضرت عليّ المرتضيٰ رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ : حضرت عليّ المرتضيٰ رضي الله عنه تشهد

(التحيات) ۾ هي الفاظ پڙهندو هو:

اَلسَّلَامُ عَلٰى نَبِيِّ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلٰى اَنْبِيَاءِ اللهِ وَرُسُلِهِ • اَلسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلٰى مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ مَنْ غَابَ مِنْهُمْ وَمَنْ شَهِدَ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِمُحَمَّدٍ وَّتَقَبَّلْ شَفَاعَتَهُ • وَاغْفِرْ لِاَهْلِ بَيْتِهِ • وَاغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَمَا وَلَدَا وَارْحَمْهُمَا • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ •

(٧٣)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه جو التحيات ۾ درود شريف

(٨) علامه ابن بشڪوال رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عباس رضى الله تعالىٰ عنهما جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: هو پنهنجي تشهد (التحيات) ۾ هي لفظ پڙهندو هو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَةٌ مِّنَ اللهِ • وَعَلَيْنَا اَنْ نُصَلِّيَ عَلٰى نَبِيِّنَا وَنُسَلِّمَ عَلَيْهِ تَسْلِيْمًا • صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ •

(٧٤)

حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنه جو
نماز تهجد کان بعد درود شريف

(٩) حافظ سخاوي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته: حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي باري ۾ روايت آهي ته: جڏهن پاڻ نماز تهجد کان فارغ ٿيندا هئا ته پهرين الله سبحانه وتعاليٰ جي حمد وثناء ڪندا هئا بعد ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي هنن لفظن سان درود شريف پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ بِاَفۡضَلِ مَسۡأَلَتِكَ. وَبِاَحَبِّ اَسۡمَائِكَ اِلَيۡكَ وَاَكۡرَمِهَا عَلَيۡكَ. وَبِمَا مَنَنۡتَ بِهٖ عَلَيۡنَا بِمُحَمَّدٍ نَبِيِّنَا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ . وَاسۡتَنۡقَذۡتَنَا بِهٖ مِنَ الضَّلَالَةِ . وَاَمَرۡتَنَا بِالصَّلَاةِ عَلَيۡهِ. وَجَعَلۡتَ صَلَاتَنَا عَلَيۡهِ دَرَجَةً وَ كَفَّارَةً وَّلُطۡفًا وَّمَنًّا مِّنۡ عَطَائِكَ . فَاَدۡعُوۡكَ تَعۡظِيۡمًا لِّاَمۡرِكَ . وَاتِّبَاعًا لِوَصِيَّتِكَ . وَتَنۡجِيۡزًا لِّمَوۡعُوۡدِكَ . بِمَا يَجِبُ لِنَبِيِّنَا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ عَلَيۡنَا فِیۡ اَدَاءِ حَقِّهٖ قِبَلَنَا . وَاَمَرۡتَ الۡعِبَادَ بِالصَّلَاةِ عَلَيۡهِ فَرِيۡضَةً اِفۡتَرَضۡتَهَا فَنَسۡئَلُكَ بِجَلَالِ وَجۡهِكَ وَنُوۡرِ عَظۡمَتِكَ اَنۡ تُصَلِّیَ اَنۡتَ وَمَلَآئِكَتُكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ عَبۡدِكَ

وَرَسُوْلِكَ وَنَبِيِّكَ وَصَفِيِّكَ اَفْضَلَ مَاصَلَّيْتَ بِهٖ عَلٰى اَحَدٍ مِّنْ
خَلْقِكَ ۰ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۰ اَللّٰهُمَّ ارْفَعْ دَرَجَتَهٗ وَاَكْرِمْ مَّقَامَهٗ
وَ ثَقِّلْ مِيْزَانَهٗ ۰ وَاجْزِلْ ثَوَابَهٗ ۰ وَاَفْلِحْ حُجَّتَهٗ ۰ وَاَظْهِرْ مِلَّتَهٗ
وَاَضِئْ نُوْرَهٗ ۰ وَاَدِمْ مِّنْ ذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ مَاتَقَرُّبِهٖ عَيْنُهٗ
وَعَظِّمْهُ فِي النَّبِيِّيْنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا قَبْلَهٗ ۰ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ مُحَمَّدًا صَلَّى
اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَكْثَرَالنَّبِيِّيْنَ تَبَعًا ۰ وَاَكْثَرَهُمْ اَزْرًا
وَاَفْضَلَهُمْ كَرَامَةً وَّنُوْرًا ۰ وَّاَعْلَاهُمْ دَرَجَةً ۰ وَّاَفْسَحَهُمْ فِي الْجَنَّةِ
مَنْزِلًا ۰ وَّاَفْضَلَهُمْ ثَوَابًا ۰ وَّاَقْرَبَهُمْ مَّجْلِسًا ۰ وَّاَثْبَتَهُمْ مَقَامًا
وَّاَصْوَبَهُمْ كَلَامًا ۰ وَّاَنْجَحَهُمْ مَّسْأَلَةً ۰ وَّاَفْضَلَهُمْ لَدَيْكَ نَصِيْبًا
وَّاَعْظَمَهُمْ فِيْمَا عِنْدَكَ رَغْبَةً ۰ وَّاَنْزِلْهُ فِيْ غُرُفَةِ الْفِرْدَوْسِ مِنَ
الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى ۰ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
اَصْدَقَ قَائِلٍ ۰ وَّاَنْجَحَ سَائِلٍ ۰ وَّاَوَّلَ شَافِعٍ ۰ وَّاَفْضَلَ مُشَفَّعٍ
وَّشَفِّعْهُ فِيْ اُمَّتِهٖ شَفَاعَةً يَّغْبُطُ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ وَالْاٰخِرُوْنَ ۰ وَاِذَا
مَيَّزْتَ بَيْنَ عِبَادِكَ لِفَصْلِ الْقَضَاءِ فَاجْعَلْ مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ
عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْاَصْدَقِيْنَ قِيْلًا ۰ وَّالْاَحْسَنِيْنَ عَمَلًا وَّ فِي

اَلْمُهْتَدِيْنَ سَبِيْلًا. اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ نَبِيَّنَا لَنَا فَرَطًا وَّحَوْضَهُ لَنَا مَوْرِدًا. اَللّٰهُمَّ احْشُرْنَا فِيْ زُمْرَتِهِ. وَاسْتَعْمِلْنَا بِسُنَّتِهِ. وَتَوَفَّنَا عَلٰى مِلَّتِهِ. وَاجْعَلْنَا فِيْ زُمْرَتِهِ وَحِزْبِهِ. اَللّٰهُمَّ اجْمَعْ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُ كَمَا آمَنَّا بِهِ وَلَمْ نَرَهُ وَلَا تُفَرِّقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُ حَتّٰى تُدْخِلَنَا مُدْخَلَهُ. وَ تَجْعَلَنَا مِنْ رُفَقَآئِهِ مَعَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصَّالِحِيْنَ وَحَسُنَ أُولٰئِكَ رَفِيْقًا. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نُوْرِ الْهُدٰى وَالْقَائِدِ اِلَى الْخَيْرِ وَالدَّاعِيْ اِلَى الرُّشْدِ. نَبِيِّ الرَّحْمَةِ. وَاِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَرَسُوْلِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ. كَمَا بَلَّغَ رِسَالَاتِكَ وَتَلَا آيَاتِكَ وَنَصَحَ لِعِبَادِكَ وَاَقَامَ حُدُوْدَكَ. وَوَفَا بِعَهْدِكَ وَ اَنْفَذَ حُكْمَكَ وَ اَمَرَ بِطَاعَتِكَ وَ نَهٰى عَنْ مَعَاصِيْكَ. وَ وَالٰى وَلِيَّكَ الَّذِيْ تُحِبُّ اَنْ تُوَالِيَهُ وَعَادٰى عَدُوَّكَ الَّذِيْ تُحِبُّ اَنْ تُعَادِيَهُ. وَصَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِهِ فِي الْاَجْسَادِ وَعَلٰى رُوْحِهِ فِي الْاَرْوَاحِ وَعَلٰى مَوْقِفِهِ فِي الْمَوَاقِفِ. وَعَلٰى مَشْهَدِهِ فِي الْمَشَاهِدِ. وَعَلٰى ذِكْرِهِ اِذَا ذُكِرَ. صَلَاةً مِّنَّا عَلٰى نَبِيِّنَا. اَللّٰهُمَّ اَبْلِغْهُ مِنَّا

السَّلَامَ كَمَا ذُكِرَ ۔ وَالسَّلَامُ عَلَى النَّبِيِّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ
اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مَلَائِكَتِكَ الْمُقَرَّبِيْنَ ۔ وَعَلٰى اَنْبِيَائِكَ
الْمُطَهَّرِيْنَ ۔ وَعَلٰى رُسُلِكَ الْمُرْسَلِيْنَ ۔ وَعَلٰى حَمَلَةِ عَرْشِكَ
اَجْمَعِيْنَ ۔ وَعَلٰى جِبْرَئِيْلَ وَ مِيْكَائِيْلَ وَ اِسْرَافِيْلَ وَعَلٰى مَلَكِ
الْمَوْتِ وَرِضْوَانَ وَمَالِكٍ ۔ وَصَلِّ عَلَى الْكِرَامِ الْكَاتِبِيْنَ ۔ وَعَلٰى
اَهْلِ بَيْتِ نَبِيِّكَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ۔ وَاٰتِهِمْ اَفْضَلَ مَا
آتَيْتَ اَحَدًا مِّنْ اَهْلِ بُيُوْتِ الْمُرْسَلِيْنَ ۔ وَاجْزِ اَصْحَابَ نَبِيِّكَ
صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ۔ اَفْضَلَ مَاجَزَيْتَ اَحَدًا مِّنْ اَصْحَابِ
الْمُرْسَلِيْنَ ۔ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ ۔ اَلْاَحْيَآءِ
مِنْهُمْ وَالْاَمْوَاتِ ۔ وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ ۔ وَلَا
تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ آمَنُوْا رَبَّنَا اِنَّكَ رَؤُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۔

٧٥

حضرت ايوب بن بشير رضي الله عنه جودرود شريف

(١٠) امام محمد بن نصرمروزي رحمة الله عليه پنهنجي "كتاب الوتر" ۾ صحيح سند سان حضرت وهب بن خالد رحمة الله عليه جي روايت نقل كئي آهي، روايت كئي آهي ته: حضرت أيّوب بن بشير رضي الله عنه (جيكو ننڍڙو صحابي هو) رمضان جي آخري

عشري ۾ دعاء قنوت کان بعد هي درود شريف پڙهندو هو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ. وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ.

(٧٦)

مسجد ۾ داخل ٿيڻ جو درود شريف

(١١) علامہ نميري رحمة الله عليه امام محمد بن سيرين رحمة الله عليه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: حضرات صحابہ ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت هيءَ لفظ چوندا هئا:

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى وَمَلَائِكَتُهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ. اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ.

(٧٧)

اسي (٨٠) سالن جي گناهن جي بخشش

(١٢) حافظ ابن بشڪوال رحمة الله عليه، حضرت أبوهريرة رضي الله عنه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن نماز عصر ادا ڪري. اٿڻ کان اڳ اسي (٨٠) مرتبا هي درود شريف پڙهي انجا اسي (٨٠) سالن جا گناهہ معاف ٿيندا ۽ انجي لاءِ اسي (٨٠) سالن جي عبادت لکي ويندي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ وَعَلٰى آلِهٖ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا.


(٧٨)

نڪاح جي خطبي وارو درود شريف

(١٣) حضرت أبوبڪر حفص رحمة الله عليه حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه جي باري ۾ روايت نقل ڪئي آهي ته: هو نڪاح جي خطبي ۾ هي لفظ چوندو هو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَالصَّلَاةُ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ.

ان ڪان بعد باقي خطبو نڪاح جو پڙهندو هو.



إن الله وملائكته يصلون على النبي

يا أيها الذين آمنوا صلوا عليه وسلموا تسليما

قسم ٻيو

انهن (الفاظ) ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي تابعين سڳورن ﷺ کان منقول آهن ۽ اهي ڪل ڏهہ (١٠) آهن.

(٧٩)

امام زين العابدين رضي الله عنه جو درود

(١) حضرت امام زين العابدين عليّ بن امام حسين رضي الله تعالیٰ عنهما کان منقول آهي تہ: جڏهن هو درود شريف پڙهندو هو تہ: هي الفاظ چوندو هو ۽ ٻيا ماڻهون پڌندا هئا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي الْاَوَّلِيْنَ. وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي الْاٰخِرِيْنَ وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ شَابًّا فَتِيًّا. وَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَهْلًا مَّرْضِيًّا. وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ رَّسُوْلًا نَّبِيًّا. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَتّٰى تَرْضٰى. وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ بَعْدَ الرِّضٰى. وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ اَبَدًا اَبَدًا. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَ بِالصَّلَاةِ عَلَيْهِ. وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَرَدْتَّ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَدَدَ خَلْقِكَ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ رِضٰى نَفْسِكَ. وَصَلِّ عَلٰى

مُحَمَّدٍ زِنَةِ عَرْشِكَ ۔ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ مِدَادَ كَلِمَاتِكَ الَّتِي لَا تَنْفَدُ
اَللّٰهُمَّ وَاَعْطِ مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضْلَ وَالْفَضِيْلَةَ وَالدَّرَجَةَ
الرَّفِيْعَةَ ۔ اَللّٰهُمَّ عَظِّمْ بُرْهَانَهُ ۔ وَاَفْلِجْ حُجَّتَهُ وَاَبْلِغْهُ مَأْمُوْلَهُ فِيْ
اَهْلِ بَيْتِهِ وَاُمَّتِهِ ۔ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَبَرَكَاتِكَ وَرَأْفَتَكَ
وَرَحْمَتَكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ حَبِيْبِكَ وَصَفِيِّكَ وَعَلٰى اَهْلِ بَيْتِهِ الطَّيِّبِيْنَ
الطَّاهِرِيْنَ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ بِاَفْضَلِ مَا صَلَّيْتَ عَلٰى اَحَدٍ
مِّنْ خَلْقِكَ ۔ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ مِّثْلَ ذٰلِكَ ۔ وَارْحَمْ مُحَمَّدًا مِّثْلَ
ذٰلِكَ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي اللَّيْلِ إِذَا يَغْشٰى وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ
فِي النَّهَارِ إِذَا تَجَلّٰى ۔ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِى الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ۔ اَللّٰهُمَّ
صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ الصَّلَاةَ التَّامَّةَ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدِنِ السَّلَامَ
التَّامَّ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ إِمَامِ الْخَيْرِ وَقَائِدِ الْخَيْرِ وَرَسُوْلِ
الرَّحْمَةِ ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ اَبَدَ الْاٰبِدِيْنَ وَدَهْرَ الدَّاهِرِيْنَ ۔
اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْعَرَبِيِّ الْقُرَشِيِّ الْهَاشِمِيِّ
الْاَبْطَحِيِّ التِّهَامِيِّ الْمَكِّيِّ صَاحِبِ التَّاجِ وَالْهِرَاوَةِ وَالْجِهَادِ
وَالْمَغْنَمِ ۔ صَاحِبِ الْخَيْرِ وَالْمِيْرِ ۔ صَاحِبِ السَّرَايَا وَالْعَطَايَا

وَالْآيَاتِ الْمُعْجِزَاتِ . وَالْعَلَامَاتِ الْبَاهِرَاتِ وَالْمَقَامِ الْمَشْهُوْدِ . وَالْحَوْضِ الْمَوْرُوْدِ . وَالشَّفَاعَةِ وَالسُّجُوْدِ لِلرَّبِّ الْمَحْمُوْدِ . اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ مَنْ صَلّٰى عَلَيْهِ وَعَدَدِ مَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَيْهِ .

(٨٠)

حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه جو درود شريف

(٢) حضرت نميري رحمة الله عليه ، امام حسن بصري رضي الله عنه (جليل القدر تابعي آهي) جي باري ۾ روايت نقل ڪئي آهي تہ: هوجڏهن بہ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي درود شريف پڙهندو هو تہ: هن طرح چوندو هو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَبَرَكَاتِكَ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا جَعَلْتَهَا عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ . اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ . وَمَغْفِرَةُ اللهِ وَرِضْوَانُهُ . اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ مُحَمَّدًا مِّنْ اَكْرَمِ عِبَادِكَ عَلَيْكَ . وَمِنْ اَرْفَعِهِمْ عِنْدَكَ دَرَجَةً . وَاَعْظَمِهِمْ خَطَرًا وَاَمْكَنِهِمْ عِنْدَكَ شَفَاعَةً . اَللّٰهُمَّ اَتْبِعْهُ مِنْ اُمَّتِهِ وَذُرِّيَّتِهِ مَاتَقَرُّبِهِ عَيْنُهُ . وَاجْزِهِ عَنَّا خَيْرَ مَاجَزَيْتَ نَبِيًّا عَنْ اُمَّتِهِ وَاجْزِ الْاَنْبِيَآءَ كُلَّهُمْ خَيْرًا . وَسَلَامٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ . وَالْحَمْدُ

لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ.

(٨١)

حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه جو پيو درود شريف

(٣) حضرت نميري رحمة الله عليه، حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه کان ٻي روايت ھيءَ بہ بيان ڪئي آھي تہ: ھو رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي ھي درود شريف پڙھندو ھو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ وَّاَصْحَابِهٖ وَاَوْلَادِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ وَمُحِبِّيْهِ وَاَتْبَاعِهٖ وَاَشْيَاعِهٖ . وَعَلَيْنَا مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ . يَآاَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ .

(٨٢)

حوض ڪوثرجي پاڻي لاءِ درود شريف

(٤) قاضي عياض رحمة الله عليه "ڪتاب الشفاء" ۾ حضرت امام حسن بصري رضي الله جو قول نقل ڪن ٿا تہ: جيڪو شخص گھري تہ: آئون رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حوض ڪوثر مان گھڻي قدر پاڻي پيان ان ڪي گھرجي تہ: ھي درود شريف پڙھندو ڪري:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَوْلَادِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاَصْهَارِهٖ وَاَنْصَارِهٖ وَاَشْيَاعِهٖ وَمُحِبِّيْهِ وَاُمَّتِهٖ وَعَلَيْنَا مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ يَآاَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ .

٨٣

اقامت جي وقت دعاء ۾ درود شريف

٥ حضرت حسن بن عرفه رحمة الله عليه ۽ حضرت نميري رحمة الله عليه ، امام حسن بصري رضي الله عنه جو قول نقل ڪيو آهي ته: جيڪو شخص ٻانگ ٻڌي انجي جواب ۾ ٻانگ وارا لفظ چوي ان کان پوءِ جڏهن مؤذن (تڪبير) ۾ قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ چوي ۽ ٻڌندڙ هيءُ دعا پڙهي.

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ الصَّادِقَةِ وَالصَّلَاةِ الْقَائِمَةِ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ . وَاَبْلِغْهُ دَرَجَةَ الْوَسِيْلَةِ فِي الْجَنَّةِ .

ته: الله تعاليٰ ان شخص کي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شفاعت نصيب فرمائيندو.

٨٤

حضرت طلحه بن مصرف رضي الله عنه جو درود شريف

٦ حضرت نميري رحمة الله عليه حضرت طلحه بن مصرف رضي الله عنه (تابعي) جي باري ۾ روايت ڪئي آهي ته: هو آخري تشهد کان بعد هيءُ دعاءِ درود شريف پڙهندو هو:

اَعْبُدُ اللهَ رَبِّيْ وَلَا اُشْرِكُ بِهٖ شَيْئًا . اَللهُ رَبِّيْ وَاَنَا عَبْدُهٗ . رَبِّ اجْعَلْنِيْ مِنَ الشَّاكِرِيْنَ . وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ . اَدْعُو اللهَ وَاَدْعُو الرَّحْمٰنَ وَاَدْعُوْكَ بِاَسْمَائِكَ الْحُسْنٰى كُلِّهَا . لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ اَنْ تُصَلِّيَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى

اِبْرَاهِيمَ اِنَّكَ حَمِيدٌ مَّجِيدٌ وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ وَرَحْمَةُ اللهِ ٠ رَبِّ
اَسْأَلُكَ رِضْوَانَكَ وَالْجَنَّةَ ٠ رَبِّ ارْضَ عَنِّيْ وَاَرْضِنِيْ وَاَدْخِلْنِيْ
الْجَنَّةَ وَعَرِّفْهَا لِيْ ٠ رَبِّ اغْفِرْلِيْ ذَنْبِيْ جَمِيْعًا كُلَّهَا ٠ وَتُبْ عَلَيَّ
وَقِنِيْ عَذَابَ النَّارِ ٠ رَبِّ ارْحَمْ وَالِدَيَّ كَمَا رَبَّيَانِيْ صَغِيْرًا ٠ رَبِّ
اغْفِرْلِيْ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ٠ اِنَّكَ
تَعْلَمُ مُتَقَلَّبَهُمْ وَمَثْوَاهُمْ ٠

(٨٥)

خميس جي ڏينهن درود شريف پڙهڻ جو ثواب

(٧) حضرت ابن بشكوال رحمه الله ، حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه جي باري ۾ روايت كئي آهي ته: اهي فرمائيندا هئا ته: مون كي هيءُ ڳالهه پهتي آهي ته: جيكو شخص خميس جي ڏينهن نماز عصر كان بعد هي درود شريف پڙهندو آهي ته: الله تعاليٰ جلّ شانه هڪ فرشتي كي مقرر فرمائي ٿو جيكو رسول كريم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض كندو آهي ته: يارسول الله! صلي الله عليه وسلم فلاڻي پٽ فلاڻي جي توهان تي سلام موكليا آهن:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ الشَّهْرِ الْحَرَامِ وَالْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ٠ وَالرُّكْنِ وَالْمَقَامِ
وَرَبَّ الْحِلِّ وَالْحَرَامِ ٠ اِقْرَأْ مُحَمَّدًا مِّنِّيْ السَّلَامَ ٠

٨٦

بيت الله جي طواف دوران درود شريف

٨ حضرت علامہ حليمي شافعي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب "المنهاج" ۾ لکيو آهي تہ: حضرت سفيان بن عيينہ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ: مون ستر (٧٠) سالن جي عمر کان زياده عرصو تابعين ڪرام رحمہم اللہ کي بيت الله شريف جي طواف ۾ هي درود شريف پڙهندي ٻڌو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اَبِيْنَا اِبْرَاهِيْمَ ۔

علامہ حليمي شافعي رحمۃ اللہ علیہ فرمائي ٿو تہ هي درود شريف انهيءَ شخص کي پڙهڻ گهرجي جيڪو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اولاد مان هجي باقي جيڪو ان جي اولاد مان نہ آهي اهو هيئن پڙهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ نَّبِيِّكَ وَاِبْرَاهِيْمَ خَلِيْلِكَ ۔

٨٧

ملتزم ۽ حجر اسود جي درميان درود شريف

٩ علامہ حافظ سخاوي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ فرمائن ٿا تہ: حضرت امام زين العابدين عليّ بن امام حسين رضي الله تعالیٰ عنهما کان مروي آهي تہ: هو ملتزم (باب ڪعبہ ۽ حجر اسود) جي درميان نماز ادا فرمائي پوءِ هيءُ دعاءِ درود شريف پڙهندو هو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى آدَمَ بَدِيْعِ فِطْرَتِكَ ۔ وَلِسَانِ قُدْرَتِكَ ۔ وَالْخَلِيْفَةِ

فِيْ بَسِيْطَتِكَ وَعَبْدِلَّكَ وَمُسْتَعِيْذٍ بِذِمَّتِكَ مِنْ مَتِيْنِ عُقُوْبَتِكَ وَسَاحِبِ شَعْرِ رَأْسِهِ تَذَلُّلًا فِيْ حَرَمِكَ لِعِزَّتِكَ وَمُنْشَإٍ مِّنَ التُّرَابِ ۔ فَنَطَقَ اِعْرَابًا بِوَحْدَانِيَّتِكَ ۔ وَاَوَّلِ مُجْتَبًى لِّلتَّوْبَةِ بِرَحْمَتِكَ ۔ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى اِبْنِهِ الْخَالِصِ مِنْ صَفْوَتِكَ الْعَابِدِ الْمَأْمُوْنِ عَلٰى مَكْنُوْنِ سَرِيْرَتِكَ بِمَا اَوْلَيْتَهُ مِنْ نِّعْمَتِكَ وَمَعُوْنَتِكَ ۔ وَعَلٰى مَنْ بَيْنَهُمَا مِنَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالْمُكْرَمِيْنَ ۔ وَاَسْأَلُكَ اَللّٰهُمَّ حَاجَتِيَ الَّتِيْ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ لَايَعْلَمُهَا اَحَدٌ دُوْنَكَ ۔ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمَ ۔

(٨٨)

حضرت عمر بن عبد العزيز رضي الله عنه جو درود شريف

(١٠) حضرت عتبي رحمة الله عليه پنهنجي والد ماجد کان نقل کيو آهي ت: حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه پنهنجي هک رشتي دار خاتون جي نڪاح جو خطبو پڙهيو خطبي کان پهرين هي الفاظ پڙهيائين ان کان پوءِ خطبو پڙهيائين.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ذِي الْعِزِّ وَالْكِبْرِيَاءِ ۔ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ خَاتِمِ الْاَنْبِيَآءِ ۔

فصل چوٿون

درود شريف جي انهن الفاظ ۽ ڪيفيتن جي بيان ۾ جيڪي اصحابن سڀني ۽ تابعين ڪرام ﷺ ڪان علاوه ٻين صالحين ۽ اڳين عالمن سڀني ڪان منقول آهن. اهي بي شمار آهن پر هن رسالي ۾ صرف ٻارنهن (١٢) ڪيفيتون نقل ڪجن ٿيون .

٨٩

حضرت معروف ڪرخي جودرود شريف

(١) حضرت ابن بشڪوال رحمة الله عليه ۽ حضرت نميري رحمة الله عليه، حضرت ابوالحسن ڪرخي رحمة الله عليه کان نقل ڪن ٿا ته: حضرت معروف ڪرخي رحمة الله عليه رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي هنن لفظن سان درود شريف پڙهندا هئا.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ مِّلْءَ الدُّنْيَا وَمِلْءَ الْآخِرَةِ ۔ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ مِّلْءَ الدُّنْيَا وَمِلْءَ الْآخِرَةِ ۔ وَارْحَمْ مُحَمَّدًا مِّلْءَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۔ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ مِّلْءَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۔

٩٠

سڀني جي درود کان بهتردرود شريف

(٢) حضرت نميري رحمة الله عليه، حضرت ابومحمد عبدالله موصلي رحمة الله عليه کان نقل ڪن ٿا ته: جيڪو شخص گهري ته: آئون الله تعاليٰ جي اهڙي حمد وثناء ڪريان جيڪا اولين و آخرين ۽ مقرب ملائڪن ۽ آسمان ۽ زمين وارن کان بهتر هجي ۽ جيڪڏهن گهري ته: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي اهڙي طريقي سان درود شريف پيش ڪريان جيڪو تمام اهل ايمان جي درودن کان بهتر هجي ۽ جيڪڏهن گهري ته: الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ اهڙي طريقي سان سوال ڪريان جيڪو تمام مخلوق جي سوال کان بهترهجي ان ڪي گهرجي ته هيئن چوي.

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كَمَا اَنْتَ اَهْلُهٗ ۔ فَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَنْتَ

اَهۡلُهٗ ۔ وَافۡعَلۡ بِنَا مَا اَنۡتَ اَهۡلُهٗ ۔ فَاِنَّكَ اَهۡلُ التَّقۡوٰی وَاَهۡلُ الۡمَغۡفِرَةِ۔

٩١

حضرت امام شافعي رحمه الله جو درود شريف

٣ حافظ سخاوي رحمه الله فرمائن ٿا: هي درود شريف حضرت امام شافعي رحمه الله کان منقول آهي جنهن کي انهن پنهنجي ڪتاب "الرسالة" جي خطبي (اول) ۾ لکيو آهي.

صَلَّى اللهُ عَزَّوَجَلَّ عَلٰی نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ كُلَّمَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوۡنَ وَغَفَلَ عَنۡ ذِكۡرِهِ الۡغَافِلُوۡنَ ۔ وَصَلّٰی عَلَيۡهِ فِی الۡاَوَّلِيۡنَ وَالۡاٰخِرِيۡنَ ۔ اَفۡضَلَ وَاَكۡثَرَ وَاَزۡكٰی مَا صَلّٰی عَلٰی اَحَدٍ مِّنۡ خَلۡقِهٖ ۔ وَزَكَّانَا بِالصَّلَاةِ عَلَيۡهِ اَفۡضَلَ مَا زَكّٰی اَحَدًا مِّنۡ اُمَّتِهٖ ۔ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡهِ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ وَ جَزَاهُ اللهُ عَزَّوَجَلَّ عَنَّا اَفۡضَلَ مَا جَزٰی مُرۡسَلًا عَمَّنۡ اُرۡسِلَ اِلَيۡهِ ۔ فَاِنَّهٗ اَنۡقَذَنَا بِهٖ مِنَ الۡهَلَكَةِ ۔ وَجَعَلَنَا فِیۡ خَيۡرِ اُمَّةٍ اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ ۔ دَائِنِيۡنَ بِدِيۡنِهِ الَّذِیۡ ارۡتَضٰی ۔ وَاصۡطَفٰی لَهٗ مَلَائِكَتَهٗ وَمَنۡ اَنۡعَمَ عَلَيۡهِ مِنۡ خَلۡقِهٖ ۔ فَلَمۡ تَمَسَّ بِنَا نِعۡمَةٌ ظَهَرَتۡ وَلَا بَطَنَتۡ فَلَنَا حَظٌّ بِهَا فِیۡ دِيۡنٍ وَّدُنۡيَا وَدُفِعَ عَنَّا بِهَا

مَكْرُوْهٌ فِيْهِمَا وَفِيْ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا اِلَّا وَمُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَبَبُهَا الْقَائِدُ اِلٰى خَيْرِهَا. وَالْهَادِيْ اِلٰى رُشْدِهَا. اَلزَّائِدُ عَنِ الْهَلَكَةِ وَمَوَارِدِ السُّوْءِ فِيْ خِلَافِ الرُّشْدِ. اَلْمُنَبِّهُ لِلْاَسْبَابِ الَّتِيْ تُوْرِدُ الْهَلَكَةَ. اَلْقَائِمُ بِالنَّصِيْحَةِ فِي الْاِرْشَادِ وَالْاِنْذَارِ مِنْهَا. وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلَّمَ كَمَا صَلّٰى عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(٩٢)

خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت لاءِ درود شريف

(٤) حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ لکن ٿا ته: روايت ۾ آهي ته: جيڪو شخص خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت جو طلبگار هجي ته هي به درود شريف اِڪي عدد سان پڙهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَنَا اَنْ نُّصَلِّيَ عَلَيْهِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا هُوَ اَهْلُهٗ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَجْسَادِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى قَبْرِ مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ.

هي ضعيف (محمد هاشم) عرض ڪري ٿو تہ هيءُ بيو درود شريف پهرين فصل جي پنجنيهہ (٣٥) نمبر تي گذري چڪو آهي ۽ اتي بہ اهو ذڪر ٿيل آهي تہ هيءُ درود شريف خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي زيارت لاءِ مفيد آهي.

(٩٣)

اقامت (تڪبير) ٻڌڻ وقت درود شريف

(٥) علامہ دينوري رحمه الله "مجالسہ" ۾ ۽ علامہ نميري رحمه الله ، حضرت يوسف بن اسباط رحمه الله ڪان نقل ڪيو آهي تہ: اهي فرمائن ٿاتہ: اقامت ٻڌڻ وقت هي درود شريف پڙهڻ گهرجي. پرجيڪڏهن اقامت ٻڌڻ وقت هي درود شريف نہ پڙهي تہ: جنت جون حورون چونديون آهن تہ: هي عجيب ماڻهو آهي جيڪو اسان ڪان بي رغبت آهي.

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ الْمُسْتَمَعَةِ الْمُسْتَجَابِ لَهَا. صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ وَّزَوِّجْنَا مِنَ الْحُوْرِ الْعِيْنِ.

(٩٤)

حضرت ابراهيم بن ادهم رحمه الله جو درود شريف

(٦) حافظ ابونعيم رحمه الله پنهنجي ڪتاب "حلية الاولياء" ۾ نقل ڪيو آهي تہ: حضرت ابراهيم بن ادهم قدس الله تعالي سره هرجمعي جي صبح هي (درود شريف ۾) دعا گهرندا هئا.

وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَسَلَّمَ كَثِيْرًا خَاتَمَ كَلَامِيْ

وَمِفْتَاحَهُ • وَعَلٰى اَنْبِيَائِهٖ وَرُسُلِهٖ اَجْمَعِيْنَ • آمِيْنَ رَبَّ الْعَالَمِيْنَ اَللّٰهُمَّ اَوْرِدْنَا حَوْضَهُ وَاسْقِنَا بِكَأْسِهٖ مَشْرَبًا رَّوِيًّا سَآئِغًا هَنِيًّا لَّانَظْمَأُ بَعْدَهُ اَبَدًا • وَاحْشُرْنَا فِيْ زُمْرَتِهٖ غَيْرَ خَزَايَا وَلَانَاكِثِيْنَ وَلَامُرْتَابِيْنَ وَلَامَقْبُوْحِيْنَ وَلَامَغْضُوْبًا عَلَيْنَا وَلَاضَآلِّيْنَ •

(٩٥)

حضرت امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه جو درود شريف

(٧) حضرت اسماعيل قاضي رحمة الله عليه ، امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه كان نقل كيو آهي ته: امام صاحب جنازي جي نماز ۾ رسول كريم صلى الله عليه وسلم تي ۽ تمام نبين سڳورن ۽ مقرب ملائڪن تي هنن لفظن سان درود شريف پڙهندا هئا.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى اَنْبِيَآئِكَ وَالْمُرْسَلِيْنَ • وَمَلَائِكَتِكَ الْمُقَرَّبِيْنَ وَاَهْلِ طَآعَتِكَ اَجْمَعِيْنَ مِنْ اَهْلِ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِيْنَ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ •

(٩٦)

روضه اطهر صلى الله عليه وسلم (حريم ناز) جي سامهون زيارت جي وقت درود ۽ سلام

(٨) حافظ سخاوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته: زيارت ڪرڻ وارو شخص رسول كريم صلى الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ جي زيارت لاءِ اچي ته: مواجه شريف (چارين

مبارڪن) جي سامهون (با ادب) بيهي هن طرح سلام عرض ڪري .

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِيَّ اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاخِيْرَةَ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاخَيْرَخَلْقِ اللهِ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاحَبِيْبَ اللهِ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدَ الْمُرْسَلِيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاخَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاقَائِدَ الْغُرِّ الْمُحَجَّلِيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَابَشِيْرُ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَذِيْرُ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اَهْلِ بَيْتِكَ الطَّاهِرِيْنَ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اَزْوَاجِكَ الطَّاهِرَاتِ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اَصْحَابِكَ اَجْمَعِيْنَ • اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى سَائِرِالْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ • وَسَائِرِعِبَادِاللهِ الصَّالِحِيْنَ • جَزَاكَ اللهُ تَعَالٰى عَنَّا يَارَسُوْلَ اللهِ اَفْضَلَ مَاجَزٰى نَبِيًّا عَنْ قَوْمِهٖ • وَرَسُوْلًا عَنْ اُمَّتِهٖ • وَصَلّٰى عَلَيْكَ كُلَّمَا ذَكَرَكَ الذَّاكِرُوْنَ • وَكُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِكَ الْغَافِلُوْنَ • وَصَلّٰى عَلَيْكَ فِي الْاَوَّلِيْنَ • وَصَلّٰى عَلَيْكَ فِي الْاٰخِرِيْنَ • اَفْضَلَ وَاَكْمَلَ وَاَطْيَبَ مَاصَلّٰى عَلٰى اَحَدٍ مِّنَ الْخَلْقِ

اَجْمَعِيْنَ كَمَا اسْتَنْقَذْنَا بِكَ مِنَ الضَّلَالَةِ . وَبَصَّرْنَا بِكَ مِنَ الْعَمٰى وَالْجَهَالَةِ . اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّكَ عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ . وَخِيَرَتُهٗ مِنْ خَلْقِهٖ . وَاَشْهَدُ اَنَّكَ بَلَّغْتَ الرِّسَالَةَ وَاَدَّيْتَ الْاَمَانَةَ . وَنَصَحْتَ الْاُمَّةَ . وَجَاهَدْتَّ فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ اَللّٰهُمَّ آتِهٖ نِهَايَةَ مَا يَنْبَغِيْ اَنْ يَّأْمُلَهُ الْاٰمِلُوْنَ.

ان کان بعد پنهنجي لاءِ مؤمنين ۽ مؤمنات جي لاءِ دعاء ڪري تنهن کان بعد حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۽ تنهن کان بعد حضرت عمر رضي الله عنه جي خدمت ۾ سلام عرض ڪري ۽ بارگاه الهي ۾ دعاء ڪري ۽ جڏهن واپسي (وطن) جوارادو ڪري ته: مٿين سلامن وانگر پڙهي موڪلائي ۽ ان سان گڏ هي الفاظ به ملائي.

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَفْضَلَ مَا صَلّٰى عَلٰى اَحَدٍ مِّنَ النَّبِيِّيْنَ وَرَفَعَ دَرَجَتَهٗ فِيْ عِلِّيِّيْنَ . وَآتَاهُ الْوَسِيْلَةَ . وَالْمَقَامَ الْمَحْمُوْدَ وَالشَّفَاعَةَ الْعُظْمٰى . كَمَا جَعَلَهٗ رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ . وَهَنَّأَهٗ بِمَا اَعْطَاهُ وَزَادَهٗ فِيْمَا مَنَحَهٗ وَاَوْلَاهُ . وَتَابَعَ لَدَيْهِ مَوَاهِبَهٗ وَعَطَايَاهُ وَاَسْعَدَنَا بِشَفَاعَتِهٖ يَوْمَ الْقِيَامَةِ . وَكَافَاهُ عَنَّا وَجَازَاهُ . وَاَجْزَلَ مَثُوْبَتَهٗ . وَرَفَعَ دَرَجَتَهٗ بِمَا اَدَّاهُ اِلَيْنَا مِنْ رِّسَالَتِهٖ . وَاَفَاضَ

عَلَيۡنَا مِنۡ نُّصۡحِهٖ وَعَلَّمۡنَاهُ. اِنَّهٗ قَرِيۡبٌ مُّجِيۡبٌ.

٩٧

حضرت امام سفيان ثوري رحمة الله عليه جو درود شريف

٩) علامہ ابن ابي حاتم رحمة الله عليه ۽ علامہ نميري رحمة الله عليه حضرت عثمان بن عمر رحمة الله عليه جي روايت نقل ڪئي آهي تہ: مون امام سفيان ثوري رحمة الله عليه کي بيشمار مرتبا ڏٺو تہ:هو جڏهن بہ مجلس کان اٿندا هئا تہ هي درود شريف پڙهندا هئا.

صَلَّى اللّٰهُ وَمَلَآئِكَتُهٗ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اَنۡبِيَآءِ اللّٰهِ تَعَالٰى وَمَلَآئِكَتِهٖ.

٩٨

بخشش ۽ مغفرت جو درود شريف

١٠) امام حافظ بيهقي رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ: خواب ۾ حضرت امام شافعي رحمة الله کي ڏٺو ويو ان کان پڇيو ويو تہ: الله تعاليٰ جلّ شانہ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ امام شافعي رحمة الله عليه فرمايو تہ: الله تعاليٰ جلّ شانہ مونکي بخشي ڇڏيو، عرض ڪيو ويو ڪهڙي سبب جي ڪري، فرمايائون تہ: پنجن ڪلمن جي برڪت سان، جن سان آئون رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم تي درود شريف پڙهندو هئس، امام شافعي کان پڇيو ويو اهي ڪهڙا لفظ آهن؟ پاڻ فرمايائون اهي هي آهن:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَنۡ صَلّٰى عَلَيۡهِ. وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَدَدَ

مَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَيْهِ ۔ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا يُحِبُّ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ ۔ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تَنْبَغِي الصَّلَاةُ عَلَيْهِ ۔

(٩٩)

درود قادريہ

پريشاني ۽ مشڪلات دور ڪرڻ جو درود شريف

(١١) بعض صالحين رحمهم الله تعاليٰ کان مروي آهي تہ: انهن فرمايو جيڪو شخص سخت پريشاني ۽ مشڪلات ۾ مبتلا هجي ان کي گهرجي تہ: هي درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الطَّاهِرِ الزَّكِيِّ صَلَاةً تُحَلُّ بِهِ الْعُقَدُ وَتُفَكُّ بِهَا الْكُرَبُ ۔

هن درود شريف جو جيڪو ڪثرت سان ورد ڪندو الله تعاليٰ ان جون پريشانيون دور فرمائيندو. انهيءَ درود شريف کي حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "جذب القلوب" ۾ بہ نقل ڪيو آهي ۽ هنن لفظن جو اضافو بہ فرمايو آهي:

صَلَاةً تَكُوْنُ لَكَ رِضًى وَّلِحَقِّهٖ اَدَآءً وَّ عَلٰى آلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ ۔

حضرت شيخ صاحب رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ هن درود شريف جو ورد دل کي روشن ۽ سيني کي ڪشادو ڪندو آهي ۽ هي درود شريف حضرت غوث الثقلين

(سيّدنا عبدالقادرجيلاني قدس سره العزيز)کان بہ منقول آهي.

(١٠٠)

قرضن کان آزاد ٿيڻ جو درود شريف

(١٢) هڪ بزرگ کان منقول آهي تہ: مون تي ڏهہ هزار (١٠٠٠٠) جو قرض هو مون کي ان جي ادا ڪرڻ جي طاقت نہ هئي گهڻو پريشان هئس مون رسول ڪريم ﷺ جي بارگاه اقدس ۾ التجا ڪئي، رسول ڪريم ﷺ جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي مون پنهنجي پريشاني ۽ حال بيان ڪيو رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ: توهان "ابن طولون" وٽ وڃو ان کي اسان جا سلام چئو ۽ ان کي چئو تہ: مونکي رسول ڪريم ﷺ توهان کان ڏهہ هزار (١٠٠٠٠) ڏياريا آهن مون عرض ڪيو تہ: يارسول الله ! ان جي ڪا نشاني عطا فرمايو جنهن جي ڪري هو منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪري، رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ: ان کي هيءَ نشاني ٻڌايو تہ توهان هر رات سمهڻ کان پهرين مون تي ڏهہ هزار (١٠٠٠٠) مرتبا درود شريف پڙهندا آهيو. ليڪن گزريل رات توهان اٺ هزار (٨٠٠٠) مرتبا پڙهيا تيسين ننڊ توهان تي غالب ٿئي ۽ ٻہ هزار (٢٠٠٠) جو وظيفو رهجي ويو.

اهو بزرگ چوي ٿو تہ: آئون جڏهن خواب کان سجاڳ ٿيس تہ: "ابن طولون" وٽ ويس رسول ڪريم ﷺ جا سلام پيش ڪيا پوءِ مون ان کي چيو تہ: رسول ڪريم ﷺ مون کي توهان کان ڏهہ هزار (١٠٠٠٠) ڏياريا آهن ۽ انجي نشاني هيءَ آهي تہ: توهان هر رات سمهڻ کان پهرين ڏهہ هزار (١٠٠٠٠) مرتبا

درود شريف پڙهندا آهيو ليڪن گزريل رات توهان اٺ هزار (۸۰۰۰) مرتبا پڙهيا پوءِ توهان تي ننڊ غالب ٿئي ۽ ٻه هزار (۲۰۰۰) جووظيفو رهجي ويو.
"ابن طولون" اهو خواب ٻڌي ڪري گهڻو خوش ٿيو ۽ ان مون کي ڏهه هزار (۱۰۰۰۰) رسول ڪريم ﷺ جي حڪم مطابق ڏنا ۽ مزيد ڏهه هزار (۱۰۰۰۰) خواب جي شڪراني طورڏنا مون "ابن طولون" کان پڇيو جيڪو درود شريف توهان هررات پڙهندا آهيو اهو ڪهڙو درود شريف آهي؟
انهن چيو آئون هررات ڏهه مرتبا (۱۰) هي درود شريف پڙهندو آهيان پرڪالهه رات اٺ (۸) مرتبا پڙهي سگهيس ۽ ننڊ غالب ٿئي ٻه (۲) مرتبا درود شريف رهجي ويااهو درود شريف هي آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ السَّيِّدِ الْكَامِلِ الْفَاتِحِ الْخَاتِمِ حَاءِ الرَّحْمَةِ وَمِيمِ الْمَمْلَكَةِ وَدَالِ الدَّوَامِ صَلَاةً دَائِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِكَ بَاقِيَةً بِبَقَآءِ عِزِّكَ ۔ لَانَفَادَ لَهَا دُوْنَ عِلْمِكَ ۔ عَدَدَ مَا كَانَ وَ عَدَدَ مَا يَكُوْنُ ۔ وَ عَدَدَ مَا هُوَ كَائِنٌ فِيْ مُلْكِكَ إِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ۔ وَرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنِ الصَّحَابَةِ اَجْمَعِيْنَ۔ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ ۔

ڪجهه عالم سگهورا فرمائن ٿا ته هي مذڪور واقعو هن ڳالهه تي دلالت ڪري ٿو ته هي درود شريف هڪ مرتبه پڙهڻ هڪ هزار درود شريف پڙهڻ جي برابر آهي ۽ ڏهه مرتبه پڙهڻ ڏهن هزارن جي برابر آهي .

فصل پنجون

هن بيان ۾ تہ سڀ کان بهتر درود شريف ڪهڙو آهي؟

ڄاڻڻ گهرجي تہ: هن مسئلي ۾ عالمن سڳورن رحمهم الله تعالیٰ جو اختلاف آهي تہ: سڀ کان افضل درود شريف ڪهڙو آهي؟ ان مسئلي ۾ عالمن سڳورن جا ٻارنهن (١٢) قول آهن.

پهريون قول :

امام نووي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "الروضة" ۾ فرمائن ٿا ته: صحيح قول هي آهي ته سڀني درودن ۾ افضل درود شريف درود ابراهيمي آهي جيڪو نماز ۾ التحيات کان بعد پڙهيو ويندو آهي انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪنهن شخص قسم ڪنيو ته آئون رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم تي سڀ کان افضل درود شريف پڙهندس ته پوءِ ان قسم کي پوري ڪرڻ جو طريقو هي آهي ته هو التحيات وارو درود شريف پڙهي.

حضرت امام نووي رحمة الله عليه جوهي قول امام سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ ۽ علامه قسطلاني رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "مواهب اللدنيه" ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ عالمن سڳورن درود ابراهيمي جي افضل هجڻ جون چار وجهون ذڪر ڪيون آهن.

پهرين وجه: حافظ سخاوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته: هن درود جي افضل هجڻ جي لاءِ هن ڳالهه مان استدلال ڪيو ويو آهي ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم پاڻ انهن اصحابن سڳورن کي جنهين رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کان سوال ڪيو هو ته: يارسول الله صلى الله عليه وسلم توهان جي ذات تي درود شريف ڪيئن موڪليون؟ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم انهيءَ درود شريف پڙهڻ جي تعليم ڏني. ظاهر آهي ته رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم پنهنجي ذات جي لاءِ اها شيءِ پسند فرمائيندا جيڪا افضل ۽ اشرف هجي.

ٻي وجه: حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه "جذب القلوب" ۾ فرمائن ٿا ته: عالمن سڳورن رحمهم الله تعاليٰ التحيات واري درود شريف جي افضليت تي هن ڳالهه مان دليل ورتو آهي ته: ڇوجو ٻانهي جي سڀني حالتن

ڪان افضل حالت نماز جي آهي تنهن ڪري نماز ۾ جيڪو درود شريف مقرر ڪيو ويو يقينًا اهو افضل ۽ اشرف هوندو.

ٽي وجه: رسول ڪريم ﷺ پاڻ بنفس نفيس اهو درود شريف پڙهندا هئا هن ڳالهه جي تصريح هن حديث ۾ آهي جنهن کي امام شافعي رحمة الله عليه "الام" ۾ ۽ امام بيهقي رحمة الله عليه "السنن الڪبريٰ" ۾ حضرت ڪعب بن عجره رضي الله عنه کان روايت نقل ڪئي آهي ته رسول ڪريم ﷺ نماز ۾ هي درود شريف پڙهندا هئا:

(١٠١)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۔ وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَآلِ اِبْرَاهِيْمَ ۔ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۔

صحابي رسول جو اهو چوڻ ته: (رسول ڪريم ﷺ نماز ۾ هي درود شريف پڙهندا هئا) اهي لفظ پنهنجي ظاهر جي اعتبار سان انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪن ٿا ته رسول ڪريم ﷺ جو دائمي ۽ اڪثر اهو معمول هوندو هو ڇاڪاڻ ته جيستائين ڪا دليل ياقرينو ٻي ڪنهن جي لاءِ نه آيل هجي ته لفظ ڪَانَ جواهو ئي مفهوم هوندو آهي.تنهن ڪري جيڪو درود شريف رسول ڪريم ﷺ جي زبان پاڪ مان اڪثر اوقات ۾ صادر ٿيندو هو ته بلاشبه اهو ئي درود شريف افضل هوندو.

چوٿين وجه: علامه زاهدي رحمة الله عليه "المجتبيٰ" ۽ "القنية" ۾ ۽ علامه عيني

"شرح هدايه" ۾ فرمايو آهي ته: التحيات وارو درود حضرت جبرئيل عليه السلام الله ربّ العزت جلّ شانه وٽان کڻي آيو هو.انهيءَ جي ڪري اهو درود سين ۾ افضل آهي.

- ۽ حضرت علامه تاج الدين سبڪي رحمة الله عليه "طبقات الشافعيه" ۾ پنهنجي والد ماجد (حضرت تقي الدين عليّ بن عبدالڪافي السبڪي رحمة الله عليه) کان نقل ڪيو آهي اهي فرمائيندا هئا ته: درود شريف ۾ سڀ کان بهتر درود ابراهيمي آهي جيڪو التحيات کان پوءِ پڙهيو ويندو آهي جيڪو شخص درود ابراهيمي پڙهي ٿو ان جڻ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم تي اهڙي طريقي سان درود شريف موڪليو جيڪو يقينًا مامور به آهي، ۽ ان درود شريف جي واعدي ڪيل ثواب کي حاصل ڪري ورتو. حضرت شيخ تاج الدين رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته منهنجي والد ماجد رحمة الله عليه جي زبان درود ابراهيمي جي پڙهڻ کان سست نه ٿيندي هئي (يعني درود شريف ڪثرت سان پڙهندا هئا.)
- ۽ حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رحمة الله عليه "جذب القلوب" ۾ فرمائن ٿا ته: التحيات واري درود جون مختلف ڪيفيتون ۽ الفاظ صحيح حديثن ۾ وارد ٿيل آهن انهن مان هرهڪ حصول مقصد جي لاءِ ڪافي آهي ۽ هي زياده ظاهر ۽ زياده مشهور الفاظ آهن:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ. وَ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

• ۾ علامہ شمس الدين محمد بن محمد بن محمد بن جزري رحمة الله عليه "حصن حصين" ۾ درود شريف جا الفاظ ذڪر ڪندي التحيات واري درود کي هنن لفظن ۾ نقل ڪيو آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

(١٠٢)

سڀ ڪان افضل درود شريف پڙهڻ جو قسم کڻڻ

ٻيو قول :

علامہ رافعي رحمة الله عليه ، حضرت ابراهيم مروزي رحمة الله عليه کان نقل ڪيو آهي تہ: جيڪو شخص قسم کڻي تہ: آئون افضل ترين درود شريف پڙهندس. هي درود شريف پڙهي تہ: اهو پنهنجي قسم کان آجو ٿيندو. ڇوجو اهو ئي سڀ کان افضل آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ كُلَّمَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ. وَ كُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغَافِلُوْنَ.

علامہ نووي رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ: سڀ کان پهرين جنهن شخص هي درود شريف پڙهيو اهو امام شافعي رحمة الله عليه هو.

(١٠٣)

افضل درود شريف جو قَسم کيئن پورو ٿئي

ٽيو قول:

علامہ قاضي حسين شافعي رحمة الله عليه پنهنجي “تعليق” ۾ فرمائن ٿا تہ: جنهن شخص افضل درود شريف پڙهڻ جو قسم کنيو ان جي قسم پوري ٿيڻ جي صورت اها آهي تہ هيءُ درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا هُوَ اَهْلُهُ وَ مُسْتَحِقُّهُ ۔

● حافظ سخاوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ: علامہ قاضي حسين شافعي رحمة الله عليه کان علاوه بہ ڪجهہ عالم سڳورا هن درود شريف جي افضليت جا قائل آهن .

(١٠٤)

قسم مان آجي ٿيڻ جو درود شريف

چوٿون قول:

علامہ بازري رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ: مون وٽ قسم کان آجي ٿيڻ جي لاءِ هيءُ درود شريف پڙهجي چوتہ: هن درود شريف جا لفظ سمورن لفظن کان وڌيڪ بليغ آهن تنهن ڪري هي درود شريف سيني کان افضل آهي :

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ اَفْضَلَ صَلَوَاتِكَ عَدَدَ مَعْلُوْمَاتِكَ۔

(١٠٥)

سڀ کان افضل درود شريف پڙهڻ جو قَسم

پنجون قول:

علامہ مجد الدين فيروز آبادي رحمه الله بعض عالمن سڳورن رحمهم الله تعاليٰ کان نقل ڪيو آهي تہ: جنهن شخص قسم کنيو تہ اهو سڀ کان افضل درود شريف پڙهندو تہ ان کي گهرجي تہ هي درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى كُلِّ نَبِيٍّ وَّمَلَكٍ وَّوَلِيٍّ عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوَتْرِ وَ عَدَدَ كَلِمَاتِكَ التَّامَّاتِ الْمُبَارَكَاتِ.

(١٠٦)

قسم کان آجي ٿيڻ لاءِ افضل درود شريف

ڇهون قول:

بعض عالمن سڳورن رحمهم الله تعاليٰ هن درود شريف جي باري ۾ فرمايو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَنَبِيِّكَ وَرَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ • وَسَلِّمْ عَدَدَ خَلْقِكَ وَرِضٰى نَفْسِكَ وَزِنَةَ عَرْشِكَ وَمِدَادَ كَلِمَاتِكَ.

• حافظ سخاوي رحمه الله فرمائن ٿا تہ: اسان جا شيخ (يعني حافظ ابن حجر عسقلاني رحمه الله) انهيءَ درود شريف جي باري ۾ فرمائيندا هئا. تہ هي الفاظ بليغ ترين آهن.

(١٠٧)

عالمن سڳورن جو برتري ڏنل درود شريف

ستون قول:

علامہ مجدالدين فيروز آبادي رحمه الله فرمائن ٿا تہ: بعض عالمن سڳورن رحمهم الله تعالي درود شريف جي هنن الفاظن کي ترجيح ڏني آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ صَلَاةً دَائِمَةً بِدَوَامِكَ.

(١٠٨)

عالمن سڳورن جو پسنديده درود شريف

اٺون قول:

مزيد علامہ فيروزآبادي رحمه الله لکي ٿو تہ: بعض عالمن سڳورن رحمهم الله تعاليٰ هن درود شريف کي پسند ڪيو آهي:

اَللّٰهُمَّ يَارَبَّ مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ. صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ. وَاجْزِ مُحَمَّدًا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَاهُوَ اَهْلُهُ.

(١٠٩)

افضل ترين درود شريف

نائون قول:

شيخ الاسلام حافظ ابن حجر عسقلاني رحمه الله فرمائن ٿا تہ: جنهن شخص افضل ترين درود شريف پڙهڻ جو قسم کنيو تہ: ان کي گهرجي قَسم کان آجي ٿيڻ جي لاءِ درود شريف جي ان کيفيت تي عمل ڪري جيڪا حضرت أبوهريره

رضي الله عنه کان مروي آهي تہ: رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ: جيڪو شخص چاهي ٿو تہ آئون پنهنجي اجروثواب ڪي سڀ کان وڏي ماپي ۾ توريان اهو هي درود شريف پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ وَ اَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ ذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

١١٠

افضل ترين درود شريف

ڏهون قول:

علامہ ڪمال الدين دميري رحمة الله عليه "ڪتاب الديات" ۾ "شرح منهاج" مان افضل ترين درود شريف هن ڪي لکيو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الَّذِىْ مَلَأْتَ قَلْبَهٗ مِنْ جَلَالِكَ وَعَيْنَيْهِ مِنْ جَمَالِكَ. فَاَصْبَحَ فَرِحًا مَسْرُوْرًا مُّؤَيَّدًا مَّنْصُوْرًا.

١١١

درود شريف جا افضل ترين الفاظ

يارهون قول:

حافظ سخاوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ: حضرت علامہ محقق مدقق ڪمال الدين ابن الهمام رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ درود شريف جا افضل ترين الفاظ هي آهن ۽ باقي ڪيفيتن ۾ جيڪو ذڪرڪيو ويو اهو هن ۾ موجود آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ اَبَدًا اَفْضَلَ صَلَوَاتِكَ عَلٰى سَيِّدِنَا عَبْدِكَ وَ نَبِيِّكَ وَرَسُوْلِكَ مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا وَزِدْهُ شَرَفًا وَّتَكْرِيْمًا ۔ وَاَنْزِلْهُ الْمَنْزِلَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۔

(١١٢)

درود شريف جا بليغ ۽ اكمل الفاظ

ٻارهون قول:

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "جذب القلوب" ۾ فرمائن ٿا ته: بعض عالمن سڳورن رحمهم الله تعالىٰ سڀ کان افضل ترين درود شريف جو تعين نه ڪيو آهي اُهي فرمائن ٿا ته جيڪودرود شريف ڪيفيت جي لحاظ سان مبالغي ۽ تاڪيد تي مشتمل آهي اهو درود شريف سڀن کان بليغ ۽ اڪمل آهي.

عجيب فائدو:

حافظ سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ افضل درود شريف جي ڪيفيت ۾ عالمن سڳورن جامختلف رايا نقل ڪرڻ کان بعد هن ڪيفيت ڪي ذڪر ڪيو آهي جيڪوڪافي ڪيفيات ماثوره ڪي جامع آهي.

۽ انهن جو چوڻ آهي ته: هن درود شريف پڙهڻ ۾ ڪا حرج نه آهي (يعني ڪيفيات ماثوره ڪي جدا جدا پڙهڻ افضل آهي پرجيڪڏهن تمام ڪيفيات ڪي گڏي پڙهي تڏهن به جائز آهي).

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَ بَارِكْ وَ تَرَحَّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَ اِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ وَ اِمَامِ الْخَيْرِ وَ قَائِدِ الْخَيْرِ وَ رَسُوْلِ الرَّحْمَةِ ۔ وَ عَلٰى اَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ ذُرِّيَّتِهٖ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ وَآلِهٖ وَ اَصْهَارِهٖ وَ اَتْبَاعِهٖ وَ اَشْيَاعِهٖ وَ مُحِبِّيْهِ ۔ كَمَا صَلَّيْتَ وَ بَارَكْتَ وَ تَرَحَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ فِي الْعَالَمِيْنَ ۔ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ وَصَلِّ وَبَارِكْ وَ تَرَحَّمْ عَلَيْنَا مَعَهُمْ اَفْضَلَ صَلَوَاتِكَ وَ اَزْكٰى بَرَكَاتِكَ كُلَّمَا ذَكَرَكَ الذَّاكِرُوْنَ وَغَفَلَ عَنْ ذِكْرِكَ الْغَافِلُوْنَ عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ۔ وَعَدَدَ كَلِمَاتِكَ التَّامَّاتِ الْمُبَارَكَاتِ وَعَدَدَ خَلْقِكَ وَرِضٰى نَفْسِكَ وَزِنَةَ عَرْشِكَ وَ مِدَادَ كَلِمَاتِكَ صَلَاةً دَائِمَةً بِدَوَامِكَ ۔ اَللّٰهُمَّ ابْعَثْهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا يَّغْبِطُهُ بِهِ الْاَوَّلُوْنَ وَالْآخِرُوْنَ ۔ وَاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۔ وَ تَقَبَّلْ شَفَاعَتَهُ الْكُبْرٰى وَارْفَعْ دَرَجَتَهُ الْعُلْيَا ۔ وَآتِهٖ سُؤْلَهُ فِي الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ۔ كَمَا آتَيْتَ اِبْرَاهِيْمَ وَمُوْسٰى ۔ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ فِي الْمُصْطَفَيْنَ مَحَبَّتَهُ ۔ وَفِي الْمُقَرَّبِيْنَ

مَوَدَّتَهُ وَفِي الْاَعْلَيْنَ ذِكْرَهُ ۔ وَاجْزِهِ عَنَّا مَا هُوَ اَهْلُهُ خَيْرَ مَا جَزَيْتَ نَبِيًّا عَنْ اُمَّتِهِ ۔ وَاجْزِ الْاَنْبِيَآءَ كُلَّهُمْ خَيْرًا ۔ صَلَوَاتُ اللهِ وَصَلَوَاتُ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ ۔ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ وَمَغْفِرَتُهُ وَرِضْوَانُهُ ۔ اَللّٰهُمَّ اَبْلِغْهُ مِنَّا السَّلَامَ وَارْدُدْ عَلَيْنَا مِنْهُ السَّلَامَ ۔ وَ أَتْبِعْهُ مِنْ اُمَّتِهِ وَذُرِّيَّتِهِ مَا تَقَرُّ بِهِ عَيْنُهُ يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ ۔

سيني درودن کي پڙهڻ گهرجي

حافظ سخاوي رحمة الله عليه جيڪو لکيو تہ (ڪا بہ حرج نہ آهي) اهو قول هن ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿو تہ گهڻين ڪيفيتن ڪي هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ جي بجاءِ هر ڪيفيت ماثوره کي الڳ الڳ پڙهڻ بهتر آهي ۽ ان جي زياده بهتر هجڻ جي تائيد هن ڳالهہ سان ٿئي ٿي تہ علامہ مسدي رحمة الله عليه فرمايو تہ آئون جواني جي ڏهاڙن ۾ درودن جي ڪيفيتن کي گڏ ڪري پڙهندو هئس ۽ هيئن چوندو هئس:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ وَبَارَكْتَ وَسَلَّمْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ

پوءِ مون کي خواب ۾ ٻڌايو ويو تہ: ڇا تون رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کان زياده فصيح آهين؟ ۽ لفظن جي معنائن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهين؟ پوءِ مون پنهنجي عمل تي استغفار ڪيو ۽ اجمال کان تفصيل جي طرف رجوع ڪيو يعني هر

درود شريف کي الڳ الڳ پڙهڻ جو پنهنجو معمول بڻايو.

هڪ ٻيو عجيب فائدو:

"حافظ سخاوي" رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "القول البديع" ۾ فرمائي ٿو تہ: اسان جي استاد يعني حافظ ابن حجر عسقلاني رحمة الله عليه کان سوال ڪيو ويو تہ لفظ خبر سان درود شريف پڙهڻ افضل آهي (يعني: "صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ" پڙهيو وڃي) يا لفظ طلب سان پڙهجي (يعني: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ"؟)

جواب ۾ ان فرمايو تہ: افضل لفظ طلب جو ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ انهن حديثن مبارڪن ۾ جن جي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم التحيات ۽ غير التحيات ۾ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي تعليم فرمائي اُتي لفظ طلب جو مذڪور آهي جيئن تہ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ هن طرح پڙهندا ڪريو "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ" ۽ ظاهر آهي تہ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي انهن الفاظن جي تعليم فرمائي جيڪي افضل طريقي جا هئا.

تنهن کان بعد اسان جي استاد کان سوال ڪيو ويو تہ پوءِ ڇاجي ڪري متقدمين ۽ متاخرين عالمن سڳورن انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ اُهي جڏهن رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي اسم شريف تي درود شريف لکن ٿا تہ اُهي لفظ خبر يعني: صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يا عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ لکندا آهن ان کان سواءِ سندن ڪتابن ۾ ٻيو ڪو بہ طريقو نہ ٿو لڌو وڃي.

جواب: فرمايائون تہ: ان جو سبب هي آهي تہ اسان کي حڪم آهي تہ علم کي ڦهلايون ۽ ماڻهن کي اهڙي طريقي سان حديثون ٻڌايون جو انهن کي سمجهہ ۾ اچن ۽ حديث جي ڪتابن جي پڙهڻ جي وقت خاص ۽ عام سڀ گڏ

ٿيندا آهن بلڪ عوام جي تعداد زياده هوندي آهي تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه جو انديشو آهي تہ متان ماڻهون امر (طلب) جي لفظ مان سمجهن تہ شايد الله سبحانہ وتعالي جي طرفان رسول ڪريم ﷺ جن تي اجهان تائين رحمت نازل نہ ٿئي آهي انهيءَ جي لاءِ اسان ان جي حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪريون ٿا ڇوتہ عوام کي اهڙو وهم ٿي سگهي ٿو انهيءَ جي لاءِ صيغي خبر کي اختيار ڪيو ويو جنهن سان عوام جي سمجهہ ۾ اها ڳالهہ سبقت ڪري تہ الله تعالي جي طرفان رحمت حاصل ٿي چڪي آهي ۽ هي خبر وارو صيغو جتي عوام کي هن قسم جي الجهن کان ڪڍي ٿو اُتي طلب جي معني کي بہ شامل آهي جنهن جو اسان کي حديث شريف ۾ حڪم ڏنو ويو آهي.

حافظ سخاوي رحمه الله پنهنجي استاد رحمه الله کان نقل ڪندي جيڪي ذڪر ڪيو هتي پورو ٿيو.

وَاللهُ سُبْحَانَهُ وَتَعَالٰى اَعْلَمُ، وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ. تَمَّتِ الرِّسَالَةُ

الحمدلله علي احسانہ هن رسالي جو ترجمو بروز خميس ٢٥ جمادي الاول سن ١٤٣٨هہ بمطابق ٢٣فيبروري ٢٠١٧ع دارالعلوم مجدديہ نعيميہ (ٽرسٽ) گلشن نعيمي مليرڪراچي ۾ مڪمل ٿيو.

تورا، نہ تورا ، مون تي مَارُوئڙن جا

پلايون پيرا ، ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا

(شاه قدس سره)

پڙهي پاک درود کي، تون من اندر مهڪاءِ، اٿئي دنيا هڪ گهڙي
سمهي وقت نہ وڃان، بندا تون پرچاءِ، روئي پنهنجي ربّ کي.

(شاه قدس سره)

هر دم از ما صد درود و سلام
بر رسول و آل و اصحابش تمام

درود خاص

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْكَامِلِ الْمُكَمِّلِ بِالنُّوْرِ الْمَكْنُوْنِ وَعَلٰى أَخِيْهِ جِبْرَائِيْلَ الْمَنْطُوْقِ بِالنُّوْرِ عَدَدَ مَا كَانَ وَعَدَدَ مَا يَكُوْنُ وَعَدَدَ مَا هُوَ كَائِنٌ فِيْ عِلْمِ اللهِ إِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَآلِهٖ وَصَحْبِهٖ أَجْمَعِيْنَ.

درود شفاء

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ طِبِّ الْقُلُوْبِ وَدَوَائِهَا وَعَافِيَةِ الْاَبْدَانِ وَشِفَائِهَا وَنُوْرِ الْاَبْصَارِ وَضِيَائِهَا وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا.

خاک پائے صاحب دلاں

ابو عبيد الله محمّد جان نعيمي مجدّدي عفي عنہ

(مهتمم ومفتي وشيخ الحديث)

دار العلوم مجدّديہ نعيميہ ٹرسٽ گلشن نعيمي ملير ڪراچي

القصيدة الهاشمية

(سنڌي ترجمي سان)

تاليف

شيخ الاسلام مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمه الله

سن وفات ۱۱۷٤ھ

حضرت مخدوم صاحب قدس سره العزيز رسول ڪريم ﷺ جي مدح سرائي ۽ واڪاڻ ۾ گهڻا قصيده (اشعار) لکيا جن ۾ رسول ڪريم ﷺ کان استغاثو ۽ استمداد ڪيائون (مدد طلب ڪئي) انهن مان چند اشعار پيش ڪريون ٿا جنهن سان حضرت مخدوم صاحب رحمه الله جي عشق ۽ عقيدي ۽ مسلڪ جو اندازو بخوبي ڪري سگهجي ٿو. الله تعاليٰ اسان کي به هن ولي ڪامل جي عقيدي ۽ مسلڪ تي قائم رکي آمين.

شايع ڪندڙ: شمس الفقهاء اڪيڊمي

دارالعلوم مجدّديه نعيميه گلشن نعيمي ملير ڪراچي

(١)

اَغِثْنِىْ يَارَسُوْلَ اللهِ حَانَتْ نِدَامَتِىْ

اَغِثْنِىْ يَاحَبِيْبَ اللهِ قَامَتْ قِيَامَتِىْ

يارسول الله ﷺ! منهنجي واهر فرمايو ، جومنهنجي ندامت ۽ شرمساريءَ جووقت تي چڪو آهي . ۽ پڻ منهنجي مدد فرمايو،جوقيامت قائم ٿي چڪي آهي .

(٢)

اَغِثْنِىْ يَاشَفِيْعَ الْمُذْنِبِيْنَ جَمِيْعِهِمْ

تَفَرَّقَتْ فِىْ دِمَآءٍ كَثُرَتْ شَامَتِىْ

رَس يارسول الله ﷺ! جواوهان سيني گهنگارن جي شفاعت ڪندڙ آهيو. ۽ منهنجي رت ۽ رڳ ۾ گناهن جي گهڻائيءَ جي شامت پريل آهي .

(٣)

اَغِثْنِىْ مُسْتَغِيْثًا مُذْنِبًا مُتَذَلِّلًا

ضَعِيْفًا نَحِيْفًا مِنْ وُّفُوْرِ وَخَامَتِىْ

پهچڻ واري ڪريو يارسول الله ﷺ! مون گنهگار ، ذليل ، ضعيف ، ڪمزور تي ۽ هن هواجي هر جهوني اگيان جهڪيل ۽ نميل جي فرياد ٻڌو .

٤

فَطَالَ الْعُمُرُ قَدْ ضَيَّعَتْ فِيْ طَرَبٍ
وَفَرْطِ عَيْشٍ وَّاِحْتِسَاءِ هَدَامَةٍ

پوءِ هيءَ ڏگهي عمر به دنيا جي لذتن ۾ ضايع ٿي وئي ۽ حد کان وڌيڪ عيش ۽ عشرت سبب آخرت لاءِ ڪجهه نه ٿي سگهيو.

٥

اَغِثْنِيْ يَا غِيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِ فَاِنَّنِيْ
لِكَثْرَةِ اَوْزَارِيْ تُكْسِرُ قَامَتِيْ

منهنجي فرياد ٻڌو، اي فريادين جون فريادون ٻڌڻ ۽ دانهون ورنائڻ وارا نبي سڳورا ﷺ! جو ڏوهن ۽ گناهن جي ڳري بار سبب منهنجي چيله چهي ٿي پئي آهي ۽ بيهي نه ٿو سگهان.

٦

فَخُذْ بِيَدِيْ يَا شَفِيْعَ الْخَلْقِ اِنَّنِيْ
عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ رَاَيْتُ مُقَامَتِيْ

ساري مخلوق کي ڇوٽڪاري ڏيڻ وارا عربي ڄام ﷺ! منهنجو هٿ وٺ ۽ بچاءِ، جو مان جهنم جي ڪناري تي بيٺل آهيان.

٧

فَأَنتَ الَّذِىْ سِمَّاكَ رَبِّىْ مُحَمَّدًا
وَأَعْطَاكَ غُفْرَانًا وَدَارَ الْمُقَامَةِ

اوهان أهي نبي مرسل آهيو . جنهن جو الله تعالي پاڻ چوڻدي محمد نالو رکيو آهي ۽ اوهان کي تمام گهڻيون ڀلايون ۽ اسان گنهگارن جي شفاعت ۽ ڏوهارين کي معافي وٺي ڏيڻ جو اختيار ۽ مقام محمود عطا کيو آهي .

٨

وَأُعْطِيتَ كَوْثَرًا وَالشَّمْسِ وَالضُّحىٰ
وَفَتْحًا مُّبِيْنًا وَّنَصْرًا وَّنُوْرَ كَرْمَةٍ

اوهان کي الله تعالي أهي مقام ۽ مرتبا عطا کيا آهن جن جي شاهدي ۽ ذڪر قرآن مجيد جي سورتن "إِنَّآ أَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ"، "وَالشَّمْسِ" "وَالضُّحىٰ" ۽ "الفتح" (إِنَّا فَتَحْنَا) ۾ آهي ۽ پنهنجي ڀرپور مدد جو ذڪر "إِذَا جَآءَ نَصْرُ اللهِ" ۾ کيو آهي ۽ اوهان کي ڪرامت وارو نور مبارڪ عطا فرمايو اٿس .

٩

اَضَآءَ بِكَ الْاَكْوَانُ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ
فَيَا نُوْرَ اللهِ نَوِّرْ سَحَامَتِیْ

اوهان جي نور جي ظهور سان جملہ جهان روشن ٿيا . پوءِ اي الله تعاليٰ جا نور ﷺ! منهنجي ڪَٽَ چڙهيل ڪاراڻ کي بہ پنهنجي نورانيت سان روشن فرماءِ.

(١٠)

فَيَا مُصْطَفَى الْكَوْنَيْنِ وَيَا خَيْرَ مُرْسَلٍ
لَعَمْرُكَ لاَ أَدْرِىْ سِوَاكَ زَعَامَتِىْ

پوءِ اي جملہ جهانن مان چونڊيل پيارا ۽ پلارا رسول ﷺ! اوهان جي پاڪ زندگيءَ جو قسم مون کي اوهان کان سواءِ ٻي ڪا واهہ سُجهي ئي ڪو نہ ٿي .

(١١)

فَلَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ سَبْعَ الطِّبَاقِ وَلَا
سَبْعَ الْجِنَانِ وَ لَا نَاحَتْ حَمَامَتِىْ

اي منا مرسل ﷺ! جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ هي سموري تخليق آسمانن ۽ زمينن جا ست طبق • ۽ جنت ۽ دوزخ ڪجهہ نہ هجي ها نہ وري ڪو پکي پڪاريندڙ هجي ها•

(١٢)

جَبِيْنُكَ مِصْبَاحُ كَوَاكِبَ زِيْنَةٍ
لَآلُ تَلَأْلُأْ عِنْدَ بَسَامَةٍ

اي روشن چهري وارا سردار ﷺ ! اوهان جي چمڪندڙ پيشاني مبارڪ کان

ستارا روشن ٿيا ۽ اوهان جو مُک مبارک اهڙن موتين ۽ لالن سان مڙهيل ۽ جڙيل آهي، جيکو سدائين روشن آهي .

(١٣)

مُحَبَّتُكَ يَا مَحْبُوْبُ قَدْ شَغَفَتْ قَلْبِيْ

فَـيَا لَيْتَ قَبْرِيْ فِيْ جِوَارِ تِهَامَةٍ

اي منهنجا محبوب نبي ﷺ! اوهان جي محبت منهنجي قلب ۾ پوڙي ريت جڙجي چڪي آهي. اي ڪاش ! اوهان محبوبن جي پاڙي مبارک ۾ شال آئون دفن ٿيان .

(١٤)

فَـيَـا فِـرَاقَ رَسُوْلٍ فَارَقَـنِـيْ

إِنَّ الْعُيُوْنَ عُيُوْنٌ مِّنْ مُّدَامِعِ دَامَةٍ

هائي افسوس! رسول ﷺ جي وڇوڙي مون کي گهائي ڇڏيو آهي محبوبن جي جدائيءَ ۾ منهنجون اکيون ڳوڙهن ڳاڙڻ سبب پاڻيءَ جو چشمون بڻجي چڪيون آهن .

(١٥)

أَتَيْتُكَ أَرْجُوْ يَا حَبِيْبُ بَشَارَةً

وَيَا مَنْ لَهُ الْبُشْرٰى بِفَوْزِ سَلَامَةٍ

اي حبيب ڪريم ﷺ! هيءَ غلام اوهان ۾ بشارت جي اُميد رکي حاضر ٿيو آهي ۽ اوهان اُها ٻاجهاري ذات آهيو. جنهن کي سوڀ ۽ سلامتيءَ جي سَنَدَ (بشارت) مليل آهي. مون کي پڪ آهي ته آئون وڏي ڪاميابي ماڻيندس.

١٦

فَجُوْدُكَ يَا قَمْقَامُ عَمَّ بَرِيَّةً
فَأَنْتَ الَّذِيْ تَشْفِيْ ضَرِيْرُ سَقَامَتِيْ

اي سچا سردار نبي ﷺ! اوهان جي سخا ساري مخلوق تي عام آهي ۽ اوهان اُهي مهربان آهيو. جن وٽان منهنجو ظاهري ۽ باطني مرض شفاء حاصل ڪندو.

١٧

ظَلَمْتُ ظُلْمًا كَثِيْرًا وَكُنْتُ ظَلُوْمًا
جَهُوْلاً ذَهُوْلاً لاَدَرَيْتُ أَمَانَتِيْ

هن بي عقل، اڻ ڄاڻ، جاهل ۽ ظالم پنهنجو پاڻ تي وڏا ظلم ڪيا آهن ۽ مليل بهترين امانت (زندگيءَ) جو ڪو قدر نه سڃاتو ۽ ان مان ڪو فائدو حاصل نه ڪيو.

١٨

فَيَا نَبِيَّ الْهَاشِمِيْ شَفَاعَةً

لِهَاشِمِ وَغَرِيْقٌ فِيْ بِحَارِ غَرَامَةٍ

پوءِ اي هاشمي نبي ﷺ! هن هاشم فقير مسڪين جي شفاعت فرمايو، جيڪو پنهنجي ناداني جي سبب هلاڪت جي درياءَ ۾ ٻڏل آهي .

(١٩)

فَمَنْ ذَا الَّذِيْ مَدَحَ النَّبِيَّ وَآلَهُ

لٰكِنْ لِلْعُشَّاقِ مَيْلُ الْمَلَامَةِ

پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن آل پاڪ جي پوري ريت واکاڻ ڪري سگهي . پر عاشق ديوانا ملامتن ۽ مخالفتن جي باوجود هر گهڙي پنهنجي محبوب ۽ سندن آل ۽ اصحاب جي مدح سرائي ۾ مگن ۽ رڌل آهن .

(٢٠)

لِفَضْلِ رَسُوْلِ اللهِ لَيْسَ لَهُ حَصْرٌ

لِسَانُ كُلِّ فَصِيْحٍ فِيْ قُيُوْدِ سَامَةٍ

بيشڪ اسان جي آقا ومولىٰ حضور حبيب ڪريم ﷺ جن جو اهو اتم ۽ اعلىٰ شان ۽ شرف آهي، جنهن جو ڪاٿو لڳائڻ ممڪن ئي ناهي ۽ فصاحت ۽ بلاغت واري هر هڪ زبان جي انداز سان هڪ حد مقرر ٿيل آهي (ان ڪان وڌيڪ محبوبن جي تعريف ڪري نه ٿي سگهجي) .

لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ﷺ



شایع کندړ: شمس الفقهاء اکیډمي
دارالعلوم مجدّدیه نعیمیه گلشن نعیمي ملیر کراچی نمبر 37